جيون راهه

مول ليکڪ :- خليل جبران

ترجمان :- سلامتراءِ اوچيرام گرباڻي

ايم.اي، ايل. ايل.بي

محترم سید حسان

پیپلز سوشل موٹوائی

ایجیشن

سدا اقتدا کرتا جائے ۔

حبیبور

جيون راهہ

مول ليکڪ :- خليل جبران
ترجمان :- سلامتراءِ اوچيرام گرباڻي (ائڊووڪيٽ)
٢٠٢، ڪنور نگر، جيپور-٣٠٢٠٠٢

ارپڻ

پوڄنيہ ماتا

پوڄنيہ پتا

پوڄنيہ پتا اوچيرام جڳومل گرباڻي

۽

پوڄنيہ ماتا پني ٻائي (ايشوري ٻائي) اوچيرام گرباڻي کي

جن جي مون تي سدائين آسيس پئي رهي آهي.

۽



سائين ريواچند نانڪرام ناٿاڻي جي ياد ۾

جنهن پنهنجي جيون ڪال ۾ منهنجي رهنمائي پئي ڪئي.

اڳ۾ سان مخاميلو

هڪ سوال اڪثر ڪجھ شخص پڇندا ۽ ڪجھ شخص ڪڙو ڪندا آهن تہ ليکڪ ڪنهن کي چئجي يا مڃجي ؟ هونئن تہ ڪنهن بہ لکڻ واري کي ليکڪ چئبو پر هر لکڻ واري کي ليکڪ مڃبو نہ آهي. ساهت جي اتهاس ۾ ''اُس ني ڪها تا'' جي ليکڪ چندر ڌر شرما گليريءَ جهڙا شخص بہ مقبول ليکڪ جيان سڃاتا تا وڃن، جيڪي ڪتاب تہ پري جي ڳالھہ، سڄي حياتيءَ ۾ ڪل جمع فقط ٽي ڪهاڻيون لکي سگهيا. ٻئي پاسي گلشن نندا جا ڪتاب گهڻو مقدار ۾ ڇپيل آهن تنهن هوندي بہ ڪيس ليکڪ مڃڻ کان نابري وارڻ وارا ڪيترا ئي ليکڪ/ پاٺڪ ملي ويندا.

شري سلامتراءِ ڳرباڻيءَ جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي. اهو بہ ترجمو. پلي هن کان اڳ سندس ليک مخزنن ۾ ڇپجندا بہ رهيا آهن ۽ سنڌيءَ جي پاٺڪن جي ذهن ۾ طوفان بہ پئدا ڪندا رهيا آهن، پلي هو سمپادڪ ٿي رهيو آهي ۽ مخزنن معرفت پڙهندڙن کي صحتمند ڳذا عطا ڪئي اٿائين. پلي هن سيمينارن ۾ ڀرو ونئي ساهت تي پنهنجي ويچارن سان ٻڌندڙن کي متاثر ڪيو هجي تڏهين بہ ڪيس ليکڪ مڃڻ/ نہ مڃڻ جو مدعو سندس ڪجھہ گهڻگهريا اٽاررينڊا رهندا آهن. شري ڳرباڻي ڪيترا ئي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪري سگهي ايڏو مواد هن وٽ آهي. بيشڪ دوست جي زور ڀرڻ تي هيءُ ڪتاب ڇپائڻ جو سندس فيصلو انهن گهڻگهرين کي رستو ڏيکاريندو.

خليل جبران کي دنيا جي ساهت ۾ سوچ جو خزانو تسليم ڪيو ويندو آهي. سنڌي جڳت جي سامهون خليل جبران جي رچنائن جو ترجمو پيش ڪري شري ڳرباڻيءَ

JEEVAN RAAH

Author
Khaleel Zibran

Sindhi Translation
Salamatrai Ochiram Gurbani

Year : 1998

Price : 100 /-

Publisher
Salamatrai Ochiram Gurbani
202, Kanwar Nagar, Jaipur - 302 002

Printer
Mahesh Printers & Publishers
231, Dadu Marg, Barkat Colony,
Tonk Phatak, Jaipur- 302015
Ph.: 591326

This Book is Published with Partial Financial aid
Given by Rajasthan Sindhi Akadamy, Jaipur.

ٻه اکر

مان ٻه ڪجهه چوان، ڇا چوان....

منهن جي خيال کان ١٩٥٣-١٩٥٤ جو سال هوندو، ان وقت مان اي. جي آفيس ۾ نوڪريءَ ۾ هوندو هوس. شام جي وقت، اناج منڊي جوهري بزار ۾ پنهن جي دوڪان تي اچي وهندو هوس. اڪثر ڪري شام جو گراهڪي هوندي ڪونه هئي. واندڪائيءَ جو وقت ملي ويندو هو.

انهن ڏينهن ۾ خليل جبران جو ڪتاب دي پرافيٽ (The Prophet) جو هندي ترجمو ڏسڻ جو موقعو مليو. ڪتاب من کي ڇهندڙ لڳو، ان ۾ انسان جي هر پهلوءَ تي ويچار ڏنل آهن. متاثر ٿي وانڪائيءَ جي دور ۾ ڪجهه رف ڪاغذن تي ان جو ترجمو ڪندو ويس اهي رف پنا اڃا پيل آهن.

ٻه اڍائي سال کن اڳ خبر نه آهي ته ڪيئن ۽ ڇو اهي رف پنا پنهن جي دوست ڀڳوان اٽلاڻيءَ کي ڏسڻ لاءِ ڏنم. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڀڳوان اهي پنا واپس ڪندي چيو ته هن قسم جي سني رچنا کي تو هيترا ٤٠/٤٥ سال بند ڪري رکيو آهي سندس خواهش ته اِها رچنا ڇپجڻ گهرجي.

هاڻ انڪل ٿي مهنا کن ٿيندا ته ڳالهين جي دور ۾ هن وري ان ڳالهه لاءِ نه صرف اشاري ۾ چيو پر ڪجهه دوستاڻي حجت نموني ۾، هلڪي جهٽڪ به ڏني، ان جو نتيجو آهي جو

سنڌي سماج جو ٻاٽ اونچو ڪرڻ جو ڪم ڪيو آهي. مؤل ۽ ترجمي ۾ فاصلو هئڻ سپاويڪ آهي. چاهي شري ڳرباٽي ۽ خليل جبران جي ويچارن کي لفظي ترجمو ڪري لکيو هجي پر هو پاٺڪ کي مول رچنا جي اڏام سان بخوبي واقف ڪري سگهيو آهي. هونئن بہ جئين سنگيت جي ڪابہ ڀاشا نہ ٿيندي آهي تيئن ويچار پڻ ڪنهن خاص ڀاشا جا محتاج نہ ٿيندا آهن.

ڪنهن خاص خيال جي ويو لينٿ(Wave Length)جڏهين ملي ٿي وڃي تہ ويچار هيٺائينئن تي وهندڙ نندي ۽ جيان زمين کي زرکيج بڻائيندا ٿا وڃن ترجمو ڪرڻ جي پهرين شرط ئي آهي مول ليکڪ سان ويو لينٿ (Wave Length) ملڻ. شري ڳرباٽي دماغي سطح تي خليل جبران جي اونچاين کي ڇهي سگهيو ۽ سنڌي پاٺڪن کي خليل جبران جي گهري سمنڊ ۾ لهي ٻوليل موتين سان مخاميلو ڪرائي سگهيو اها شخصي روپ ۾ سندس حاصلات ۽ بطور ليکڪ سندس سوچڻ سمجهڻ واري سنڌي طبقي سان ڪيل وڙ آهي.

مونکي فقط ان ڳالہ جو افسوس آهي تہ هي قيمتي مٽيا چالهين سالن کان وڌيڪ عرصي تائين سنڌي جڳت جي سامهون نہ اچي سگهيا بحرحال دير عايد درست عايد چئي مان شري ڳرباٽي ۽ جي هن شاهڪار جي آجيان ٿو ڪيان.

ڪنهن وقت دنيا خواه هندستان جي مختلف ڀاشا جي مايانار ڪتابن جا سنڌي ۽ ۾ ترجما ڇپ تہ عام ڳالہ هئي پر آزادي ۽ کان پوءِ اهو سلسلو گهٽ ٿي ويو آهي.

جيپور — **ڀڳوان اٽلاڻي**

28.12.98 — صدر، راجستان سنڌي اڪادمي .

ليکڪ جي واقفيت

١٨٨٣ ۾ سيريا ديش جي مائونٽ ليبنان پرانت جي هڪ شاهوڪار ۽ خانداني گهراڻي ۾ شاعر (ڪوي) خليل جبران جو جنم ٿيو هو. هو ١٢ ورهين جي اوستا ۾ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ بيلجيم، فرانس ۽ آمريڪا جو سئر ڪرڻ ويو ۽ ٻن سالن کان پوءِ واپس موٽي آيو ۽ هن کي بيروت جي الحڪمت مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو جتي هن عربي ساهت جو گهرو ابياس ڪيو تڏهين هو عربيءَ ۾ شعر لکڻ لڳو ۽ هو عربي ساهتڪارن ۾ ڳڻڻ ۾ اچڻ لڳو. ١٩٠٣ ۾ هو وري ٻيو دفعو آمريڪا ويو، جتي هن انگريزي ساهت جو ابياس شروع ڪيو، پنجن سالن کان پوءِ هو فرانس هليو ويو جتي هن چترڪلا جو ابياس ڪيو. ١٩١٢ ۾ هو وري آمريڪا ويو ۽ جيون جي آخرين ٽائين هو نيو يارڪ ۾ رهيو.

آمريڪا ۾ رهي ڪري لڳ ڀڳ ١٩١٨ ۾ هن انگريزيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ تڏهن کان وٺي هن جي مشهوري صرف انگريزي ڳالهائيندڙن جنتا ۾ نه، بلڪ ترجمي دواران سڄي سنسار ۾ ڦهلجي ويئي ۽ اٽڪل ٢٥ ٻولين ۾ سندس ڪتابن جو ترجمو ٿي چڪو آهي.

سندس تمام ڪتاب خود سندس نڪتل چترن سان سينگاريل آهن. سندس چترن جو نماءُ اولهه سنسار جي سيني ديشن جي راجڌانين ۾ ٿي چڪو آهي جن جي ڀيٽ يورپ جي مهان چترڪار روڊن ۽ وليم بليڪ سان ڪئي ويئي آهي.

هي پيش ڪري رهيو آهيان.

مان پنهنجي دوست پڳوان جو نهايت تهدل شڪر گذار آهيان جنهن مونکي هن ڪم ۾ نه صرف انساهت ڪيو آهي پر متر جي ناتي ۾ حجت پري جهٽڪ ڏيئي به سچيءَ دوستيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

شل سندس ۽ منهنجو ناتو زندگيءَ جي آخرين دور تائين قائم دائم رهي، پنهنجي گهڻگهرن کان اهڙي دعا ۽ شڀ ڪامنائن جي اميدن ۾

سلامتراءِ اوچيرام گرباڻي

جيپور

۱۵ آگست ۱۹۹۸

ڪرشڻ جنماشٽمي

۲۰۲ ڪنور نگر- ۳۰۲۰۰۲

فهرست

1 - آخرين ياترا....... 1
2 - پريم.............. 10
3 - وواهه.............. 15
4 - بالڪ............... 17
5 - دان................ 19
6 ڪاڏو پيتو............ 24
7 - محنت............... 26
8 - خوشي ۽ غم......... 31
9 - گهر................ 33
10 - ڪپڙو.............. 37
11 - خريد فروخت....... 39
12 - گناهه ۽ سزا........ 41
13 - قانون.............. 46
14 - آزادي.............. 49
15 - وويڪ ۽ واسنا..... 53
16 - دک................ 55
17 - آتم گيان........... 57
18 - پڙهائي............. 59
19 - دوستي.............. 61
20 - بحث مباحث........ 64
21 - وقت................ 66
22 - ڀلائي برائي........ 68
23 - پرارٿنا.............. 72
24 - موج بهار........... 75
25 - سندرتا (سونهن)..... 79
26 - ڌرم................ 82
27 - موت................ 85
28 - موڪلاڻي........... 87

سندس انگريزي ڪتابن جا نالا ۽ ڇپجڻ جا سال هن ريت آهن.

ڪتاب جو نالو	ڇپجڻ جو سال
دي مئڊ مئن	١٩١٨
ٽروينٽي پڪچرس	١٩١٩
دي فور رنر	١٩٢٠
دي پرافيٽ	١٩٢٣
سئنڊ ائنڊ فوم	١٩٢٦
جيسس دي سن آف مئن	١٩٢٨
دي ارٿ گاڊس	١٩٣١
دي وانڊرر	١٩٣٢
دي گارڊن آف پرافيٽ	١٩٣٣

ائين تہ مٿي سيني لکيل ڪتابن جو ترجمو اوير ۽ اولهہ جي ڪيترين ٻولين ۾ ٿي چڪو آهي پر حقيقت ۾ دي پرافيٽ شاعر جي اُتم ۾ اُتم رچنا مڃي وڃي ٿي ۽ هن جو سنسار جي ٢٥ ٻولين ڪان بہ وڌيڪ ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.

هن مهان شاعر ،فيلسوف ۽ چترڪار جو ديهانت ٤٨ ورهين جي عمر ۾ ١٠ اپريل ١٩٣١ ۾ ٿيو. جي هو اڃان ڪجهہ وقت زنده رهي هان تہ هن جي اڃان بہ وڌيڪ رچنائن سان سنسار کي فائدو پهچي هان.

1 - آخرين ياترا

(١) المستفا ان جو نالو هو.
پريوءَ ڪيس پنهنجو هي سمجهي پريم پريو بڻايو هو.
هو پنهنجي وقت ۾ روشنيءَ جو پرڏان ايلچي هو.
جيون جا پورا ٻارهن ورهيه هن آرفاليز (٢) شهر ۾
پنهنجي جهاز جو انتظار ڪيو هو جو ڪيس پنهنجي
جنم ڀوميءَ (٣) ڏانهن واپس ڪٽي وڃڻو هو.

ٻارهين سال ايلول(۴) مهني جي ستين تاريخ
جڏهنين فصل ڪٽڻ جا ڏينهن هئا، هو شهر ڪان ٻاهر
ٽڪريءَ تي چڙهيو ۽ سمنڊ ڏانهن نهارڻ لڳو ۽
هن ڪي ڪوهيڙي سان گڏ پنهنجو جهاز (٥) ايندو نظر
آيو.

هن جي مندر جا دَر کلي پيا ۽ هن جي آنند جا پَرَ
ڦڙ ڦڙ ڪري سمنڊ ۾ دور دور تائين ڦهلجي ويا(٦)

---

(١) عربي ڀاشا ۾ هڪ عزت‌دار شبد
(٢) مرتيو لوڪ (٣) پرلوڪ
(۴) سبريا ديش جي هلنڊڙ سال جو هڪ مهنو.
(٥) موت جو وقت
(٦) ڳيانيءَ لاءِ موت ڀيانڪ نه پر آننددايڪ ٿيندو آهي.

اڄ جنهن کي مان پنيان ڇڏي وڃي رهيو آهيان، سو صرف ڪلپنا نہ آهي، پر هو هڪ اهڙو هرديہ آهي جنهن کي بکہ ۽ اڄ مڏر بڻايو آهي.
پر وري بہ هاڻي مان دير نٿو ڪري سگهان
سمنڊ(١) جو سيني کي پاڻ ڏانهن سڏي رهيو آهي ۽ مون کي بہ نوتو ڏيئي سڏي رهيو آهي. هاڻ مون کي بہ هلڻو پوندو.
ڄڏهين ڪال جا ڪنپ، رات جي جوالا ۾ جلي رهيا آهن تڏهين بہ اتي ترسڻ آهي برف ٿي وڃڻ، پٿر بڻجي پوڻ ۽ نرجيوتا جي بندنن ۾ جڪڙجي وڃڻ (٢)
جيءُ تہ اهو پيو چاهي تہ هتي جو سڀ ڪجهہ پاڻ سان گڏ کڻي وڃان.
ليڪن ائين ڪيئن ٿي سگهندو.
شبد، جو زبان ۽ چپن مان ڪنپ پائي نڪري ٿو، ان کي بہ پنهنجي ڪنين جي آڌار تي اڏائي پاڻ سان گڏ نٿو کڻي سگهان. ان کي تہ اڪيلو ئي آڪاش ۾ چڪر ڪاٽڻا پون ٿا.
پنهنجي آکيڙي کي هتي ڇڏي گرڙ کي بلڪل اڪيلو سج ڏانهن اڏامڻو پوي ٿو.
نڪريءَ جي تري ۾ ماٿريءَ ۾ پهچندي ئي هن سمنڊ ڏانهن منهن ڦيرايو ۽

---

(١) ڪال دهونا (٢) وقت اچڻ تي پراڻيءَ جي موت کان بچڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ان برابر آهي جيئن برف جي وچ ۾ باهہ ٻاري جيون رکشا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ

پوءِ ھن اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽
انتر آتما جي انحد شانتيءَ ۾ ٽٻيون ڏنيون ۽ ايشور
جي آراڌنا ڪئي.
پر جيئن ئي ھو ٽڪريءَ تان ھيٺ لھڻ لڳو ته ھن جي
منھن تي اداسائيءَ جا بادل ڇائنجي ويا ۽ ھو سوچڻ
لڳو ته
ڇا مان ھتان پورڻ شانتيءَ سان بنا ڪجھه به دک
محسوس ڪرڻ جي وڃي سگھندس؟
نه، نه مان پنھنجي پاوناڻ ۽ امنگن تي گھاو سھڻ بنا
ھن شھر کي ڇڏي نه سگھندس.
درد ڀريل لنبا ڏينھن (۱) ۽ ايڪانت سان ڀرپور
راتيون مون ھن شھر جي ڀتين اندر گذاريون آھن
ڀلا ڪير پنھنجي درد ۽ ايڪانت کي بنا دکي ٿيڻ جي
اثر بنا موڪلائي سگھي ٿو؟
مون پنھنجي انيڪ ڀاوناڻ کي ھنن گھٽين جي رستن
تي وڇايو آھي. منھن جون اڻ ميون اڇاٿون بالڪن
جي روپ ۾ ھن ٽڪريءَ تي ڪليو گھمي رھيون آھن.
انھن جي يادگيرن جي بوجي ۽ دک کي ساڻ کڻي وڃڻ
بنا مان ھتان موڪلائي نٿو سگھان.
ھي ڪو منھنجي شرير جي ڍڪڻ جو ڪپڙو نه آھي
جنھن کي مان لاھي ڦٽو ڪريان پر ھيءُ ته منھنجي
ديھه (شرير) جي چمڙي آھي جنھن کي مان پنھنجي
ھٿن سان لاھي رھيو آھيان.

---

(۱) پريوءَ وڇوڙي جي ڪارڻ

تڏهين مان تنهن جي اوڏو اچي پهچندس

هڪ اسيم بوند، هڪ وشال سنڌو ساگر جي گود ۾ (١)

جيئن ئي هو مڙيو ته هن ڏٺو ته پري پري کان ميڙن جا ميڙ، زالون مرد، پنهنجا کيت ۽ پها ۽ انگور جا منهن ڇڏي، شهر جي دروازي ڏانهن تڪڙو تڪڙو وڌي رهيا آهن

هن ٻڌو ته ماڻهو هن جو نالو پڪاري رهيا آهن.

هڪ ٻئي کي سڏي هن جي جهاز جي اچڻ جي ڳاله ڪري رهيا آهن.

تڏهين هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو ته ڇا هيءُ آخرين موڪلائيءَ وقت جمگهٽ جو موقعو بڻبو ۽ ڇا ائين ڇئي سگهبو ته منهنجي شام ئي سچ پچ منهنجي پرهه ڦٽي يا پريات هئي.

انهن کي مان ڪهڙي ييٽ ڏيان جي کيت ۾ اڌ کيڙيل بنيءَ ۾ هر ڇڏي ۽ جي انگور مان رس ڪڍڻ وارن ڪولهن کي اڌ ۾ ڇڏي مون کان موڪلائڻ آيا آهن

ڇا منهنجو هرديه ميون سان ڀريل وڻ وانگر ٿيندو جنهنجا ميوا ڀڃي ٻڃي مان انهن ۾ وراهي سگهان

---

(١) جيو جنتسه جي بوند آهي، ايشور سمند آهي، ٻئي چيتنيه روپ آهن ان ڪري ٻئي اننت آهن.

ھن ڏنو تہ سندس جھاز بندر جي بلڪل ويجھو پھچي رھيو ھو،

ان جي اڳين ڀاڱي تي وينل ھئا ملاح ۽ سندس وطن جا ماڻھو،

ھن جي آتما مان ، انھن لاءِ پڪار اُٿي،

منھن جي سناتن ماتا جي اولاد، سمنڊ جي لھرين ۽ طوفان جي جھوڪن تي سواري ڪرڻ وارا،

خبر نہ آھي تہ ڪيترا دفعا او ھان منھنجي سپنن ۾ جھاز ڊوڙايا آھن، ۽ اڄ اوھان منھنجي سجاڳيءَ جي حالت ۾ آيا آھيو، جو منھنجو اڃا بہ گھرو سپنو آھي.

وڃڻ لاءِ مان تيار بيٺو آھيان ۽ منھنجي اتڪنتا ڪان مڪت، ونجھ ھن لاءِ منتظر آھي

پر اڃا بہ فقط ھڪ ساھ ھن ھوا ۾ ضرور کڻندس ۽ اڃا بہ ھڪ چاھ ڀري نگاھ سان پنيان نھاريندس ان ڪان پوءِ مان اوھان جي وچ ۾ بيھندس، اوھان سمنڊ جي مسافرن سان گڏ، سمنڊ جو ھڪ ياتري بڻجي،

او ، وراٽ سمنڊ، ننڊرالين ماتا، نندين ۽ جھرڻن لاءِ ھڪ قسم جي شانتي ۽ مڪتي، ھيءُ جھرڻو ھڪ دفعو وري بہ ڦيرو ڪائيندو، ھن بن ۾ وري بہ ھڪ دفعو سئر ڪندو،

گهٽوئي ڪجهه هن جي من ۾ دٻيو رهيو ڇو تہ هو خود انترياميءَ جي ڳجهي رهسيہ کي واڻيءَ سان ظاهر ڪرڻ جي اسمرٿ هو.

جئين هن ننگر ۾ پير رکيو تہ شهر جا سڀ نواسي کيس ڳڌڻ آيا سڀ يکي آواز ۾ کيس پڪاري رهيا هئا ڀرپائين شهر جي وڏن ۽ ٻڍن سندس سامهون اچي چيو

تون اسان کي ڇاڏي نہ وڃ

تون اسان جي سنڌياجي ڏنڌلي روشنيءَ ۾ ڀرپور ٻئه تيج تي رهيو آهين ۽ تنهنجي جوانيءَ جي اتساھ ۾ اسان اوچ اپلاشائون ڏسڻ جا سپنا ڏنا آهن. اسان اڳيان ۽ نراشا ۾ گهيڙيل هئاسي تو ڳيان ۽ آشائن سان پرپور ڪيو آهي.

تون اسان جي وچ ۾ اجنبي يا مهمان نہ، بلڪ اسان جو لاڏلو ٻار آهين. هاڻيئي اسان جي اکين کي پنهنجي پيار ڀري درشن کان نہ تڙقائيج.

ان کان پوءِ ساڌن ۽ سنتن کيس چيو

سمنڊ جي لهرين ۾ هاڻ وڇوڙو نہ وجهج، اسان جي وچ ۾ جي تو ٻہ تي گهڙيون گذاريون آهن تن کي صرف يادگيريءَ جي وشيہ نہ بڻائج.

تون اسان جي وچ ۾ انساھ تي رهيو آهين ۽ تنهنجي ڇايا اسان جي مکن تي پرڪاش ۽ چمڪ تي رهي آهي
اسان توکي ڪنهن کان وڌيڪ پريم ڪيو آهي. پراهو پريم

ڇا منهنجون اڇائون جل وهڪري وانگر ڦوڪجي وينديون جئين مان ان مان پيالو پري سگهان

ڇا مان اها بنسري آهيان جنهن کي سرو شڪتيوان جو حق نصيب ٿئي يا اها بنسري آهيان جنهن مان هن جو سانس نڪري سگهي.

مان تہ صرف ايڪانت جو پوڄاري رهيو آهيان ۽ ان ايڪانت مان مون کي اهڙو کهڙو خزانو پراپت ٿيو آهي جنهنکي مان وشواس سان لٽائي سگهان

اگرچ جي هيءُ منهنجي فصل ڪاٽڻ جو وقت آهي تہ ڪير ٻڌائي تہ ڪهڙن کيتن ۾ مون ٻج پوکيو هو ۽ ڪهڙين وساريل مندن ۾ پوکيو هو.

سچ پچ تہ منهنجي ديپڪ جي اجهامڻ جو وقت اچي ويو آهي تہ پوءِ سچ پچ مون ۾ اهڙي جوت ڪانهي جا ان ۾ جڳي سگهي

پنهنجو خالي ۽ اڻ ٻريل ڏيئو ئي مان پاڻ متي کڻندس

ايشور خود ان کي پيار سان ٻريندو، هوئي ان کي جڳائيندو(١)

ايترن ويچارن کي تہ هن واڻيءَ سان ظاهر ڪيو ليڪن

---

(١) هاڻ مونکي ڇا ڇوڻو آهي ان جو مون کي ڪوئيان ڪونهي، هو (ايشور) خود منهن جي واٽي ٿيندو

آستان لاءِ تنهنجي دل ۾ گهري چاهنا آهي، پر اسان جو پريم تنهنجو بنڌڻ نه بڻبو ۽ نه اسان جون ضرورتون توکي پڪڙي ٻڌنديون، پر وري به اسان توکي پراٿنا ڪيون ٿا ته، اسان کي ڇڏي وڃڻ کان اڳ تون اسان کي پنهنجا امرت وچن ٻڌاءِ ۽ پنهنجي سنيه جي پنڌاري مان اسان کي به ڪجهه دان ڏي

اهو سچ اسان پنهنجي سنتان کي ڏينداسون ۽ اهي وري پنهنجي سنتان کي ڏيندا ۽ ان ريت اهو سچ امر رهندو.

پنهنجي ايڪانت ۾ تو اسانجي ڏينهن کي چڪاسيو ۽ پنهنجي جاڳندي تو اسان جي ننڊن ۾ روئڻ ۽ کلڻ به ٻڌو آهي يعنيٰ اسان جي اڳيان اوسٿا (حالت) ۾ اسان کي جيڪا خوشي ۽ شوڪ ٿيو آهي اهو ڏنو آهي- تنهنڪري تون هاڻ اسان کي اسان جي ئي سڃاڻپ ڏي. جيون ۽ موت جي وچ ۾ جو ڪجهه به آهي ان باري ۾ جو تو ڪجهه ڄاتو آهي اهو ڳيان اسان کي به ٻڌاءِ، ۽ هن جواب ڏنو

اي آرفاليز واسيو مان اوهان کي ڇا تو ٻڌائي سگهان سواءِ انهن ڳالهين جي، جي هن وقت به اوهان جي پراڻن ۾ مچل مچل رهيون آهن.

دبيل ۽ شانت هو جنهنکي اسان ڍڪي رکيو هو.
ليڪن اڄ اهو تنهنجي اڳيان چيخ ڪري بنا پڙدي
اگهاڙو تي سامهون بيٺو آهي.
ڪارڻ، اهو سناتن سچ آهي ، تہ پريم پنهنجي گهرائيءَ
کي وڇوڙي جي گهڙي اچڻ، سوڌو پاڻ کي نہ ڄاڻندو
آهي.
اينري ۾ بيا لوڪ بہ آيا ۽ انهن بہ سندس ساراھ ڪئي.
پر هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو صرف پنهنجو سر نمائي
ڇڏيو.جي سندس پير ۾ بيٺا هئا تن سندس ڇاتيءَ تي
سندس نيترن مان آنسون ڪرندا ڏٺا
ان ڪان پوءِ هو ۽ بيا سڀ آدمي مندر جي سامهون واري
چونڪ ڏانهن وڌيا ۽
ان وقت ان مندر مان هڪ استري ٻاهر آئي، ان جو نالو
هو المترا- هوءَ برهم داني هئي. هن سندس ڏانهن بلڪل
ڪومل نگاهن سان نهاريو ڇو تہ جڏهين ڪيس هن شهر ۾
آئي صرف هڪ ڏينهن ٿيو هو، تڏهين پهريائين پهريان
هن استريءَ ڪيس ڏسي سمجهيو هو ۽ سندس تي وشواس
ڪيو هو-
هن هِن ريت چوندي سندس سواگت ڪيو
اي پريو جا پيغمبر، اننت جا ساڌڪ، گهٽي وقت کان
تون پنهنجي جهاز لاءِ دور دور تائين کوج ڪري رهيو
آهين- هاڻ تنهنجو جهاز اچي چڪو آهي ۽ هاڻ
تنهنجو وڃڻ ضروري ٿي پيو آهي.

تنهنجي يادگيرين جي ديش ۽ ابلاشائن جي سهاري

ڇو ته

پريم جهڙيءَ ريت اوهان کي مکڻ پهرائيندو، انهيءَ طرح اوهانکي سوريءَ تي به لٽڪائيندو

جئين هو اوهان جي اُنتيءَ (ترقي ۽ واڌاري) لاءِ آهي تئين هو اوهان کي ختم ڪرڻ لاءِ به آهي جهڙيءَ طرح هو اوهان جي اوچ ڪرمن ۽ گڻن جو ويچار ۽ ڪومل هردي جي ديک ڀال ڪري ٿو نيڪ ساڳيءَ طرح هو اوهان جي اوگڻن ۽ نيچ ڪرمن ۽ ويچارن جي اندر پيهي انهن کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو

اناج جي سنگن وانگر هو اوهان کي پنهنجو پاڻ ۾ جذب به ڪري ٿو

توهان کي اُگهاڙو ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڪُٽي ٿو توهان جي مٿان ڀيل پڙدي کي دور ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڦٽڪاري ٿو

توهان کي پِهي ڪري صاف ڪري ٿو

توهان کي نرم ڪرڻ لاءِ اٽي وانگر ڳوهي ٿو ۽ تڏهين

اوهان کي پنهنجي پوتر اگنيءَ(باهه) ۾ سيکي ٿو جيئن اوهان پربوءَ جي ٿالهه ۾ پوتر روٽي ٿي سگهو

پريم توهان سان اِها ليلا ان لاءِ ڪري ٿو ته جئين اوهان انتر آتما جي رهسيه (ڳجهه) جو گيان پائي سگهو ۽

2 - پريم

تڏهن المترا چيو تہ

اسان کي پريم جي بابت ڪجهہ ٻڌايو

تڏهن هن پنهنجو سِرُ مٿي ڪيو ۽ ماڻهن تي پنهنجي نظر ڦيرائي - سيني ۾ شانتي اچي ويئي ۽ گهري گنڀير سُرَ ۾ هن چيو

جڏهين پريم اوهان کي پنهنجي طرف ڪوني (سڏي) تہ اوهان ان جو پيڇو ڪيو جيتوڻيڪ هن جو راهون ٽيڏيون (اٽا ڳيون) ۽ ڏاڍيون ڏکيون (ڪٺن) آهن.

جڏهين پريم جا پَر اوهان کي ڍڪڻ چاهن تہ اوهان پنهنجو پاڻ ان اڳيان ارپڻ ڪيو

پوءِ ڀل انهن پَرن جي تہ هينان لڪيل تلوار اوهان کي گهايل ڪري ڇڏي-

۽ جڏهن هو توهان سان ڳالهائي تہ ان ۾ وشواس رکو

پوءِ ڀل هي ان جو آواز توهان جي سپنن کي چڪنا چور ڪري ڇڏي جهڙيءَ ريت آنڌي نندن ٻوٽن کي اکوڙي ڇڏيندي آهي

منھنجي هرديہ ۾ آهي، بلڪ ائين چئو تہ مان ايشور جي
هرديہ ۾ آهيان ۽ اهو بہ ڪڏهن نہ سوچجو تہ توهان ڪو
پريم جو مارگ ناهي سگهو ٿا،

چو تہ، پريم جي اوهان کي اڌڪاري سمجهي ٿو، نہ هو
خود اوهان جي راھ ناهي ٿو،

پريم پنهنجو پاڻ کي سمپورڻ ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ
بہ نہ ٿو چاهي

جيڪڏهن اوهان پريم ڪريو ۽ اوهان جي، من ۾ ڪي
ڪامنائون اٿن تہ اهي هي؛ اٿن،

مان صفا ليہ ٿي وڃان،

وهندڙ جهرلي وانگر رجنيءَ کي مڌر گيت سان ڀري
سگهان،

اتينت ڪو ملتاجي ويدنا جو انيو ڪري سگهان،

پنهنجي پريم جي پڇاڻ ۾ مان گهايل ٿي سگهان،
پنهنجي اچاسان ۽ ڪلندي ڪڏندي مان پنهنجو رتُ دان
ڪري سگهان،

پنهنجا پر ڦهلائي دل سان پرڀات ويلي جاڳي سگهان ۽
هڪ وڌيڪ پريم ڀريو ڏينهن پائڻ لاءِ پاڻ کي ڪرپا پاتر
ڪري سگهان،

انهيءَ گيان دواران جڳجيون جي هرديه جو هڪ انش بڻجي سگھو

ليڪن جيڪڏهين ٻپ وس ٿي

توهان صرف پريم جي شانتيءَ ۽ پريم جي آنند جي ڪامنا ڪريو ٿا

ته پوءِ توهان لاءِ اِهو ئي ڀلو آهي ته، پنهنجي اڳهاڙپ کي ڍڪي ڇڏيو ۽ پريم جي ڪٽڻ واريءَ اُکريءَ کان ٻاهر رهو ۽ ان سنسار ۾ وڃي رهو جتي ڪو جيون نه آهي يعنيٰ جتي سچ آهي اتي اوهان کلندا ته ضرور، ليڪن پوري کِل نه هوندي جتي اوهان روئندا ته ضرور ليڪن اوهان جي اکين ۾ پورا آنسون ۽ ڳوڙها نه هوندا.

پريم ڪنهن کي به پنهنجو پاڻ کان سواءِ نه ڪجهه ڏئي ٿو ۽

نه وري ڪنهن کان پنهنجو پاڻ کان سواءِ ڪجهه وٺي ٿو،

پريم نه ڪنهن جو سوامي بڻجي ٿو ۽

نه وري ڪنهن کي پنهنجو سوامي بڻائي ٿو

ڇو ته،

پريم پريم ۾ ئي سمپورڻ آهي

جڏهين اوهان پريم ڪريو ته ائين نه چئو ته ايشور

3- وواهه

انسان پوءِ المترا وري نمرتا سان چيو سائين هاڻ
وواهه جي بابت ٻڌايو-
هن جواب ڏنو،
توهان ٻنهي هڪ وقت جنم ورتو هو ۽ سدا گڏ رهندا،
جنهن وقت موت جا سفيد پر اوهان جي جيون جي گهڙين
کي الڳ ڪندا، ان وقت ٻه اوهان گڏ رهندا
سچ ته پربوءَ جي شانت سمرتيءَ ۾ ٻه اوهان ٻنهي جو
آستان هڪ هنڌ ئي رهندو، پر تنهن هوندي ٻه پنهنجي
ايڪتا ۾ ڪجهه انتر رهڻ ڏيو، ۽
پنهن جي وچ ۾ سرڳ جي هوا کي ناچ ڪرڻ ڏيو.
هڪ ٻئي سان پريم ڪريو، ليڪن پريم کي ٻنڌن ٻڻجڻ
نه ڏيو بلڪ
ان کي پنهنجي آتمائن جي وچ ۾ لهرين سان پريل ساگر
ٿيڻ ڏيو،
هڪ ٻئي جو پيالو پريو، ليڪن
هڪ ئي پيالي مان هرگز نه پيو
هڪ ٻئي کي پنهنجي پوجن مان حصو ڏيو ليڪن هڪ
ئي روٽيءَ مان ٻئي نه کائو،
گڏجي نچو، ٽپو، ڳايو، خوشيءَ جي امنگن ۾ نه ماپو
پر تنهن هوندي ٻه هڪ ٻئي کي ايڪانت پائڻ جو وجهه

ٻپهرن جو آرام ڪري سگهان ء
پريم جي پرم آنند ۾ لين ٿي سگهان،
شام ٿيڻ تي احسانمند هردي سان گهر موٽي سگهان، ء
وري رات جو هرديہ ۾ پريتم جي لاءِ پرارٿنا ء پنهنجي
چپن تي سندس لاءِ ساراھ جو گيت ڳائي سگهان.

4 - ٻالڪ

ان ڪان پوءِ هڪ نئينءَ ننڍيءَ استريءَ جا هڪ ننڍي ٻالڪ کي ڇاتيءَ سان لڳائي بيٺي هئي،

تنهن پڇيو،

اسان کي ٻالڪن جي وشيه ۾ ٻڌايو،

هُن جواب ڏنو،

توهان جا ٻار توهان جا نجي خود جا ٻار نه آهن،هو جيون جي جنم وٺڻ جي انتظاريءَ جا اولاد آهن،

هو توهان جي معرفت ضرور اچن ٿا، پر توهان مان نه، هُو

جيتوڻيڪ هو توهان سان گڏ آهن، پر تنهن هوندي به هو توهان جا نه آهن،

توهان انهنکي پنهنجو پريم ڀلي ڏنو، پر

پنهنجا ويچار هرگز نه ڏيو، ڇو ته، انهن کي پنهنجا ويچار به آهن،

توهان انهن جي شريرن کي ڀلي پنهنجي گهرن ۾ رکو پر انهن جي آتمائن کي نه، ڇو ته انهن جي آتما ڀاويءَ جي

ڏيو
جھڙيءَ طرح ويٺا (ستار) جون تارون ھڪ سُرَ ۾ وجنديون
بہ الڳ الڳ رھن ٿيون
دلين کي ارپڻ ڪيو، ليڪن ھڪ ٻئي جي سنڀال ۾ نہ
رکو، ڇوتہ
جيون جي مُٺيءَ ۾ ئي توھان جون دليون سمائجي
سگھن ٿيون۔
توھان بلاشڪ گڏجي بھو پر ھڪ ٻئي جي تمام ويجھو
(نزديڪ) نہ، ڇوتہ
مندر جا ٿنڀا الڳہ الڳہ بيٺل آھن،
جئين بلوت جا وڻ ۽ پاٽيءَ جا جھرٽا ھڪ ٻئي ھنڌ گڏو
گڏ نہ ھوندا آھن،

5 - دان

تڏهين هڪ ڏنوان شخص پڇيو،

اسان کي دان جي بابت ڪجهه ٻڌايو. ۴

هن جواب ڏنو،

جڏهين اوهان پنهنجي ملڪيت مان ڪجهه ڏيو ٿا، تڏهين ڏيو ته ضرور ٿا، پر ”نه“ جي برابر جڏهين توهان پنهنجو پاڻ مان ڪجهه ڏيو ٿا تڏهين سچ پچ دان ڪريو ٿا،

ڪارڻ ؟

هيءَ ملڪيت آهي ڇا ؟

صرف اهي شيون جن کي اوهان ان خيال کان سانڍي رکو ٿا ته آئينده ۾ اوهان کي انهن شين جي ضرورت پئجي سگهي ٿي،

انهن کي گڏ ڪريو ٿا ۽ انهن جي رکوالي ڪريو ٿا، ۴ سڀاڻي؟

سڀاڻوان سڀاڻي ڪتي کي ڇا ڏيندو جو نشان بنا ،ريتيءَ ۾ جڳهه جڳهه تي هڏيون گاڙيندو ياترين جي پوئواري

يَوَنَ ۾ رهي ٿي،

جتي اوهان پهچي نٿا سگهو، سپني ۾ به نہ

توهان انهن جهڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڀلُ ڪريو پر، انهن کي پنهنجو پاڻ جهڙو ڪرڻ جي اڇا نہ ڪريو، ڇو تہ،

جيون پٺتي ڪونہ ٿو موٽي، ۽ نہ هو،

گذريل وقت لاءِ رڪجي بهي ٿو،

توهان اهي ڌنش آهيو جنهن مان توهان جا زنده ٻالڪ ٻاڻن جي روپ ۾ اڇن ٿا، تير انداز اپار مارگ تان نشان هڻي ٿو، ۽ پنهنجي وشال شڪتيءَ سان هو اوهان کي جهڪائي ٿو،

جيئن سندس تير، تيز رفتار سان دور دور تائين وڃي سگهن،

انهيءَ ڌنش ڌاريءَ جي هٿن سان اوهان کي هن نموني ۾ جهڪائڻ آنند جو ڪارڻ آهن، ڇو تہ،

جيئن هو انهن تيرن کي پيار ڪري ٿو، تيئن هو ان ڌنش کي بہ پيار ڪري ٿو جو استر (قائم) آهي.

ڪشت جي خيال کان ڏين ٿا

۽ هي ۽ ڪشت ئي انهن کي سڪيا ڏيئي ٿو، ۽ اِهڙا جيو بہ
آهن جي ڏين ٿا ۽ ڏيڻ ۾ ڪو بہ ڪشت محسوس نٿا ڪن،

نہ هو آنند جي اِڇا رکن ٿا ۽ نہ وري هو پڄ سمجهي ڪجهہ
ڏين ٿا، هو ڏين ٿا ان وانگر جيئن گلاب جو گل ڏهني
دشائن ۾ پنهنجي سگند لٽائي ڇڏي ٿو، اِهڙن انسان
جي معرفت ايشور بولي ٿو ۽ انهن جي نيترن جي وسيلي
هو پرٿويءَ تي مسڪراهٽ ڏيئي ٿو،

ڪبر پُڇري، ڏيڻ نيڪ آهي

پر،

ڪنهن جي ضرورت محسوس ڪري، بنا گهرڻ جي ڏيڻ
وڌيڪ نيڪ آهي خالي هٿن انسانن لاءِ دان ڏيڻ جي
بدران، دان وٺڻ وارن جي تلاش ۾ وڌيڪ آنند آهي ۽ اوهان
وٽ اهڙو آهي ئي ڇا جنهن کي اوهان دائمي رکي سگهو،

جيڪي ڪجهہ اوهان وٽ آهي، سو سڀ هڪ ڏينهن ڏيئي
ڇڏڻو پوندو

ان ڪري هاڻي ئي ڏيئي ڇڏيو،

جيئن دان ڏيڻ جو مهورت اوهان جي وارثن کي نہ، بلڪ
اوهان کي پراپت ٿئي

ڪري ٿو ۽

اڻ هوند جو ڀَوُ (ڊپ) ڇا آهي،

خود اڻ هوند ئي نه

جڏهين اوهان جو کوهه ڀرپور آهي تڏهين به اوهان کي پياس جو ڊپ،

ڇا اها اهڙي اُڃ نه آهي جنهن کي بجهائڻ ڏاڍو ڏکيو ۽ مشڪل آهي،

ڪيترا اهڙا انسان به آهن جي پنهنجيگڏ ڪيل مال مان ٿورو ڪجهه دان ڪن ٿا ۽ اهو دان ان لاءِ ڪن ٿا ته سندن نالو ٿيندو ۽

اهڙي قسم جي لڪيل واسنا انهن جي دان کي ختم ڪري ٿي ڇڏي، ۽

اهڙا انسان به آهن جن وٽ ٿورو ئي آهي پرهو سڀ ڪجهه ڏيئي ڇڏيندا آهن

اِهڙا انسان ئي آهن جي جيون ۾ وشواس رکن ٿا ۽ جيون جي اُدارتا ۾ به، ۽

اهڙين انسانن جا خزانا ڪڏهين به خالي نٿا ٿين،

اِهڙا انسان به آهن جي آنند جي خيال ڪان ڏين ٿا ۽ آنند ئي انهن جو انعام آهي، ۽ اِهڙا انسان به آهن جي

پنهنجي ڪلهن تي احسان جو بوجو نہ وجهو،

ڪٿي ائين نہ ٿئي! جو توهان پنهنجي ۽ پنهنجي داتا جي ڪلهن ۾ پاڇاري وجهي ڇڏيو،

بلڪ داتا سان گڏ توهان بہ انهن جي سوغاتن يا پيتائن تي مٿي اٿو جڻ تہ ڪنين تي اڏامي رهيا آهيو،ڇوتہ

پنهنجي قرض جي ضرورت کان وڌيڪ لالچ رکڻ ان جي دان شيلتا ۾ شڪ آڻڻ آهي، جنهن کي پرٿوي جهڙي ادار دل ماتا ۽ ايشور جهڙو مهان پتا جو هٿ آهي-

توهان اڪثر ڪري چئو ٿا تہ، ”مان دان ڏيندس پر ان کي جو ان جي لائق آهي“

پر توهان جي ڪٺياجا وڻ ۽ توهان جي چراگاهن جون رڍون، ٻڪريون تہ ائين ڪونہ ٿيون چون. اهي ڏين ٿا جيئن اهي جي سگهن (يعني زنده رهي سگهن) ڇو تہ سانڍي رکڻ ئي موت آهي. ضرور هي، جي ڏينهن ۽ راتين جا دان وٺڻ جا اڌڪاري آهن، اهي توهان کان باقي سڀ ڪجهہ وٺڻ جا بہ اڌڪاري آهن،

ان کان وڌيڪ ريگستان کهڙو ٿي سگهي ٿو، جو دان وٺڻ جي همٿ، وشواس ۽ اتڪنتا ۾ آهي

۽،

توهان آهيو ئي ڪير جو انسان اوهان جي اڳيان ڇاتي کولي ۽ سومان کي ننگو ڪري تہ جيئن توهان انهن جي اگهاڙپ ۽ آتم غرور کي بي شرمنديءَ جي نموني جي حالت ۾ ڏسي سگهو،

پهرياڻين اهو ڏسو تہ اوهان خود داتا بڻڻ يا دان ڏيڻ جي ساڌن بڻجڻ جي لائق آهيو سنهي، ڪارڻ تہ جيون ئي جيون کي ڏيئي ٿو ۽ توهان جو پنهنجو پاڻ کي داتا سمجهي وينا آهيو صرف رڳو شاهد هي آهيو، ۽

توهان وٺڻ وارا ۽ توهان سڀ وٺڻ وارا ئي آهيو،

ڇوته جنهن قانون توکي منهنجي هٿن ۾ سونپيو آهي اهو مونکي به هڪ وڏيڪ شڪتيوان جي هٿن ۾ سونپيندو

تنهن جو رت ۽ منهن جو رت ان رس کان سواءِ ڪجهه به نه آهي جا وشو وڻ جي پالنا ڪري ٿي ۽ جڏهين ڏندن سان ڪنهن شيءَ کي چٻاڙيو ته ان کي هن نموني چئو ته

تنهن جا ٻج منهنجي شرير ۾ جيئندا ۽ تنهنجون ڪليون (مکڙيون) منهنجي هرديه ۾ ڪلنديون، ۽ تنهنجي سڳنڌ، منهن جو سواس ٿيندو ۽

اسان ٻئي گڏجي سيني مندن ۾ آنند وٺنداسي، ۽ فصل جي وقت جڏهين اوهان انگور جي ڇڳن کي ڪولهن ۾ وجهڻ لاءِ ڪٺا ڪندا ته ان وقت هن نموني ۾ چئو ته-

مان به هڪ انگور جو ڇڳو آهيان ۽ منهنجا ڦل به ڪولهوءَ ۾ وجهڻ لاءِ ڪٺا ڪيا ويندا ۽ نئين شراب وانگر مون کي بوتلن ۾ بند ڪيو ويندو، ۽ سياري جي مند ۾ جڏهين اوهان شراب پيئو تڏهين شراب جي هر هڪ پيالي لاءِ اوهان جي هرديه ۾ راڳ پيدا ٿئي، ۽

ان گيت ۾ فصل جا ڏينهن، ڊاک(انگور) جا منهن ۽ ڇڳا ۽ انگور جي ڪولهن جي يادداشت اچي.

6- ڪاڌو پيتو

اينري ۾ ھڪ ڌرم شالا جي ٻڌي پڇيو، اسان کي کاڌي پيتي بابت ٻڌايو

ھو چوڻ لڳو

ڪاش ! توھان پرٿويءَ جي ساھن تي مدار رکندڙ امر ٻيل وانگر صرف ڪرڻن تي جي سگھو، .

پرچاڪاڻ تہ

پيٽ ڀرڻ لاءِ اوھان کي ھنسا ڪرڻ ۽ پياس ٻجھائڻ لاءِ اوھان کي نئين چاول وچڙي کان سندس ماءُ جو کير لٽڻو پوي ٿو تہ اھو ڪاريہ پريوءَ جي پوڄا جي روپ ۾ ڪريو ،
۽

پنھنجي پوڄن جي ٿالھ کي بلديوي سمجھو جنھن تي جھنگل ۽ ميدان جي شڌ ۽ نرمل جيون جي ان لاءِ ٻلي ڏيو جو انسانيت ۾ خاص شڌ ۽ خاص نرمل ھجي ڪنھن جيو کي حلال ڪرڻ وقت کيس پنھنجي من ۾ چئو تہ

جا شڪتي توکي قتل ڪري رھي آھي ان مونکي بہ ماري رکيو آھي ۽ مون کي بہ کاڌو ويندو

حوالي ڪيو ويو هو. ۽

پاڻ کي محنت ۾ مشغول رکندي اوهان واسنو ۾ جيون کي پيار ڪريو ٿا. ۽

محنت دوران جيون کي پيار ڪرڻ آهي جيون جي رازن سان گهرو ٿيڻ ۽ ڄاڻندو ٿيڻ.

پر جيڪڏهين توهان پنهنجي دک ۾ جنم ڏارڻ کي هڪ مصيبت ۽ جيون کي جيوت (زنده) رکڻ مستڪ ۾ لکيل سراپ سمجهو ٿا ته منهنجو به اهو چوڻ آهي ته صرف توهان جي نرڙ جو پگهر ئي توهان جي مستڪ ۾ لکيل اکرن کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏيندو.

محنت دوران ئي توهان پنهنجو ڀاڳ بدلي سگهوٿا

توهان کي اهو به ٻڌايو ويو آهي ته جيون انڌڪار آهي ۽ پنهنجي ٿڪاوٽ ۾ ٿڪيل انسان جي ان چوڻيءَ کي اوهان به مضبوط ڪريو ٿا. ۽ مان به ائين چوان ٿو ته جيون بيشڪ انڌڪار آهي سواءِ ان گهڙين جي، جن ۾ اتساهہ جو انش موجود آهي. ۽

سمورو اتساهہَ انڌو آهي، سواءِ ان گهڙين جي جن ۾ گيان جو ڪجهہ قطرو آهي. ۽ سمورو گيان به مٽيا يا ڪوڙ آهي. سواءِ ان گهڙين جي جن ۾ محنت جو قطرو آهي. ۽

7 - محنت

تڏهين هڪ هاريءَ پڇيو تہ اسان کي ڪجهہ محنت بابت ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو

محنت ڪريو تہ جيئن توهان جڳت ۽ جڳت آتما جي وهڪ سان گڏ هلي سگهو، ڇو تہ آلسي ٿيڻ، مندن جي گيان نہ هئڻ، جيون جي ان وڏي جلوس مان ٻاهر نڪري وڃڻ آهي، جو وڏي شان ۽ مان سان اننت ڏانهن تڪڙو وڌي رهيو آهي.

جڏهين توهان محنت ڪريو ٿا، تڏهين جڻ تہ هڪ بنسري آهيو ۽ اوهان جي گهڙين پلڪن جي ڪاناڦوسي ان جو سنگيت ٿيو پوي ۽ جڏهين باقي سڄو جڳت يڪي سُرَ سان ڳائي رهيو آهي تڏهن اوهان مان ڪير هوندو جو گونگو ۽ شانتيڪو ٿي وهندو ؟

اوهانکي هميشهہ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ محنت سراپ آهي ۽ مزدوري اياڳ (دُر ڀاڳيہ) پر

مان توهان کي ٻڌايان ٿو تہ جنهن وقت توهان محنت ڪريو ٿا ان وقت توهان پرٿويءَ جي ان سپني جو بلڪل ٿورو حصو پورو ڪريو ٿا جو سپني لحظ وقت اوهان جي

جو روپ ڇاڻي ٿو، اهو ڪيئن ۾ هرُ هلائڻ واري هاريءَ کان اتم ۽ سريشٽ آهي، ۽ جو اندلت کي ريشمي ڪپڙي تي انسان جو روپ ڏئي ٿو، سو اسان جي پيرن جي جتين ٺاهڻ واري کان سريشٽ ۽ اتم آهي، ليڪن، مان ننڊ ۾ نہ، پر ڏينهن جي ٻپهرين جي جاڳ ۾ اهو چوان ٿو تہ هوا ننڍي ننڍي گاهه جي ٻوٽن جي پيٽ ۾ وڏن وڏن بنوت جي وڻن سان پيار سان نٿي ڳالهائي، ۽

صرف اهو ئي سريشٽ آهي جو هوا جي سانتيڪي آواز کي پنهنجي پيار ۽ قرب پرئي آواز سان مڌر راڳ ۾ پلٽي ٿو،

محنت پريم جي نراڪار وشيہ کي رنگ روپ وارو آڪار ڏيڻ جو ساڌن آهي

جيڪڏهين اوهان پريم سان محنت نٿا ڪري سگهو ۽ بي دليو ڪم ڪريو ٿا تہ بهتر اِهو آهي تہ اوهان پنهنجو ڪم ڇڏي ڏيو ۽ مندر جي دروازي اڳيان ڏاڪڻ تي ويهي دان وٺڻ لاءِ انهن ماڻهن جي اڳيان پنهنجا هٿ ڊگهيڙيو جي ڪل خوشيءَ سان محنت ۽ ڪم ڪن ٿا - چو تہ،

جيڪڏهن اوهان بي خيالي ۽ لاپرواهيءَ سان روٽي تيار ڪيو ٿا، تہ اها روٽي بي سوادي ٿيندي جنهن سان انسان جي بکہ لهي ڪانہ سگهندي

سموري محنت کوکي ۽ اجائي آهي سواءِ ان گهڙين جي جن ۾ پريم جو انگ سمايل آهي، ۽ جڏهين توهان پريم سان ڀرپور ٿي، پريمي ٿي ڪم ڪيو ٿا، تڏهين اوهان خود پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ کي هڪ ٻئي سان ۽ انت ۾ ايشور سان پاڻ کي ٻڌي قابو ڪريو ٿا، ۽

پريم سان ڀرپور محنت ڪرڻ ڇا آهي ؟

اِهو آهي اوهان جي دل مان نڪتل ڪپهه جي ڪتيل ڌاڳن مان ٺاهيل ڪپڙو، ڄڻ ته اهو ڪپڙو خود اوهان جي منڙي محبوب کي پائڻو آهي

اهو آهي پريم سان هڪ گهر ٺاهڻ جنهن ۾ اوهان جي منٺار محبوب کي واسو ڪري رهڻو آهي

اهو آهي اوهان جو سنڀالي ٻج پوکڻ، ۽ خوش ٿي فصل ڪاٽڻ، ڄڻ ته اهو اوهان جو پريتم پيارو کائيندو،

اهو آهي انهن سڀني وستن (شين) کي جن جي توهان رچنا ڪريو ٿا، پنهنجي پراڻن جي جان ڏيڻ ۽ اهو محسوس ڪرڻ ته توهان جا سڀ سرڳواسي واسطيدار اوهان جي اڙد گڙد بيٺل آهن ۽ اوهان جي سار سنڀال ڪري رهيا آهن، مان اڪثر اوهان کي اهو چوندي ٻڌو آهي ڄڻ ته اوهان ننڊ ۾ وڦلي رهيا آهيو،

”جو سنگمرمر تي ڪم ڪري ٿو ۽ پٿر ۾ پنهنجي آتما

8 - خوشي ۽ غم

تڏهين هڪ استري عرض ڪيو تہ هاڻ اسان کي خوشيءَ ۽ غم جي بابت ڪجهہ ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو تہ، توهان جي خوشي آهي توهان جي غم جو ننگي روپ ۾ ظاهر ٿيڻ، ۽

اهو ساڳيوئي کوهہ جنهن مان توهان جي خوشي اڏامي رهي آهي خبر نہ آهي تہ ڪيترا ڀيرا توهان جي ڳوڙهن سان ڀرپور رهيو آهي، ۽ انڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ ٿي ئي ڇاٿو سگهي،،

اهو دک جيترو وڌيڪ گهرو اوهان جي جيون کي ڪٽي ٿو، اوترو ئي وڌيڪ اوهان کي خوشي حاصل ٿئي ٿي،اهو پيالو جنهن ۾ اوهان جو شراب پيل آهي، ڇا اهو ساڳيو پيالو نہ آهي جيڪو ڪنڀر جي نهانئينءَ ۾ پچايو ويو هجي، ۽

هيءَ بنسري جيڪا اوهان جي من جو غم دور ڪري ٿي، ڇا اها اهو بانس جو ٽڪر نہ آهي جنهن کي چاقوءَ سان ڇيد ڪيا ويا هجن،

جڏهين توهان ۾ خوشيءَ جا امنگ اٿن تڏهن من جي اندر جهاتي پائي ڏسو تہ اوهان کي سُڌ پوندي تہ جيڪو

پر چڙ تہ بکہ يسمر ٿي ويندي-

جيڪڏهين توهان کي انگور جي رس ڪڍڻ ۾ سنتوش نہ آهي تہ اوهان جي اشانتي شراب ۾ زهر ملائڻ جو ڪم ڪري ٿي، ۽

پل توهان ائين ٻايو جيئن گنڌرو ٻائن ٿا، ليڪن اوهان جي راڳ ۾ جي پيار نہ آهي تہ اوهان انسان جي ڪنن کي ائين پري ٿا ڇڏيو تہ جيئن هو ڏينهن جي شورغل، گوڙ گهمسان ۽ رات جي سانتيڪي سُرَ کي بہ نہ ٻڌي سگهن.

9 -گهر

هڪ رازي پڇيو تہ سائين اسان کي گهر بابت ڪجهہ ٻڌايو-
ان جي جواب ۾ هن چيو تہ

شهر جي ڪوٽ جي اندر گهر ٺاهڻ کان پهريائين ويران ۾
سچي هنڌ توهان پنهن جي ڪلپنائن سان هڪ جهوپڙي
اڏيو، چو تہ،

جهڙي ريت سنجها جي ڏنڌلي روشنيءَ ۾ اوهان گهر اچو
ٿا، ان ريت اوهان جي اندر جو واسي بہ ايڪانت ۾ اچي
ٿو،

توهان جو گهر توهان جو ڪجهہ وڏو شرير آهي- هو سج
جي روشنيءَ ۾ وڌي ٿو ۽ رات جي ايڪانت ۾ سمهي ٿو ۽
اهو بہ سپنن کان خالي نہ آهي. ڇا توهان جو گهر سپنا
ڪونہ ٿو ڏسي ؟ ۽ سپنن ڏسندي شهر ڇڏي جهنگلن ۽
جبلن جي چوٽين تي ڪونہ ٿو پهچي ؟
ڪاش ! مان جيڪر اوهان جي گهرن کي مُٺيءَ ۾ ڪٺي
سگهان ۽ جهڙيءَ ريت هاري ٻنين ۾ ٻج ڇٽي ٿو ان ريت
مان بہ اوهان جي گهرن کي جهنگلن ۽ ميدانن ۾ پکڙي
سگهان،

ڪاش! جيڪر پهاڙي ماٿريون اوهان جا رستا ٿين ۽ سر

اوھان کي خوشي وَردان بخشيش ڪري رھيو آھي ھو اھوئي آھي جنھن اوھان کي دک ڏنو ھو، ۽ وري جڏھين اوھان شوڪ ۾ ٻڏل آھيو تڏھن وري اوھان اندر ۾ ٽبي ڏيو تہ اوھان کي محسوس ٿيندو تہ حقيقت ۾ توھان ان لاءِ روئي رھيا آھيو جنھن مان اوھانکي خوشي حاصل ٿيئي.

توھان مان ڪي چون ٿا تہ ”خوشي غم کان اتم آھي“ ۽ ٻيا وري چون ٿا تہ ”نہ نہ شوڪ سريشٽ آھي“ ليڪن مان اوھان کي ٻڌايان ٿو تہ اِھي ٻئي ھڪ ٻئي کان الڳ نہ ٿيڻ وارا ساٿي آھن،

ٻئي گڏوگڏ اچن ٿا- جيڪڏھين ھڪ اڪيلو اوھان سان رسوئي ڪرڻ وقت وھي ٿو تہ اھو ياد رکو تہ ٻيو اوھان جي وڇايل بستري تي سمھي اوھان جو انتظار ڪري رھيو آھي.

حقيقت ۾ توھان ناراضيءَ وانگر خوشيءَ ۽ غم جي بار ڪري ھيٺ ۽ مٿي ٿيو ٿا،

صرف ان وقت جڏھن ڪِ اوھان بلڪل واندا يعنيِ خوشيءَ ۽ غم کان فارغ آھيو تڏھين ئي توھان درحقيقت استر (محڪم) آھيو

جڏھين خزانچي سون ۽ چاندي تورڻ لاءِ اوھانکي اٿاري ٿو تڏھين توھان جي خوشيءَ غم ھيٺ مٿي ٿين ٿا.

٭

ٻڌايو، توهان جي گهرن ۾ آهن اهي شيون ؟

يا اتي صرف عيش ۽ عيش لاءِ خواهش آهي جا آهستي آهستي گهر ۾ مهمان ٿي گهري ٿي ۽ پوءِ ميزبان بڻجي ديرو ڄمائي ويهي رهي ٿي ۽ آخر ۾ مالڪڻ بڻجي رهي ٿي.

هان،هو توهان جي پرهل اڇائن کي ڇهبو ڪن سان ماري ماري، ڪاٺ جي پتلين وانگر ڪري ڇڏي ٿو جهڙيءَ ريت جهنگلي جانورن کي پالتو بڻايو ويندو آهي. ان جا هٿ ريشم جا آهن، پر سندس هردو لوهه جو آهي.

هو توهان کي لوليون ڏيئي سمهاري ڇڏي ٿو ۽ توهان جي شرير جي شان ۽ غرور تي ٺٺولي ڪرڻ لاءِ اوهان جي کٽ جي پاسي ۾ گهمي ٿو.

هو توهان جي تندرست چيتنا جي مزاڪ اڏائي ٿو ۽ ان کي پڳل ٺڪل ٿانون وانگر گاهه ۽ پنن ۾ ڍڪي رکي ٿو،

حقيقت ۾ سک، آرام ۽ عيش جي تمنا آتما جي پاونا جو خون ڪري ڇڏي ٿي ۽ پوءِ اها ماتمي سرگس ۾ ڏند ڪڏي کلندي هلي ٿي،

٭

پر اننت آڪاش جي سنتان، شانتيءَ ۾ بہ شانت رهڻ وارا، توهان هن جي جار ۾ اصل نہ ڦاسو ۽ نہ ان جا پالتو ٿي ان وٽ پلجو،

سبز ساوا پيچرا شل توهان جون گهٽيون ٻڪن ته جيئن اوهان هڪ ٻئي کي ڳولهندي ڏاک جي منهن مان لنگهي سگهو ۽ پاڻ سان پرٿويءَ جي ساهه جي سڳنڌ پنهنجي ڪپڙن ۾ سمائي موٽي سگهو،

پر اِهي ڳالهيون هاڻي ٿيٽيون ڪونه آهن، ٻپ وڇان توهان جي وڏن توهان کي هڪ ٻئي جي تمام ويجهو ڪنو ڪري رکيو آهي ۽ اهو ٻپ اجان ڪجهه عرصي تائين دلين ۾ ٻٽيو رهندو ۽ اجان ڪجهه عرصو شهر جو ڪوٽ توهان جي گهرن کي کيتن کان الڳ رکندو،

مونکي ٻڌايو ته توهان وٽ انهن گهرن ۾ ڇا آهي ۽ اهو ڇا آهي جنهن جي توهان دروازا بندڪري رکوالي ڪريو ٿا

ڇا اوهان جي گهرن ۾ شانتي آهي؟ توهان جي شڪتيءَ کي اتساهت ڪرڻ وارا امنگ آهن ؟

اوهان جي گهرن ۾ ڇا کي يادگيريون آهن؟ اهي چمڪندڙ منارا جي من جي جبلن جي چوٽين تائين ڦهليل آهن ؟

ڇا اوهان جي گهرن ۾ اِهڙي ڪاسندرتا آهي جيڪا اوهان جي من کي ڪاٺ ۽ پٿر جي نهيل شين کان منهن موڙي پوتر پهاڙن ڏانهن ڇڪي هلي سگهي ؟

10 - ڪپڙو

هڪ ڪوريءَ پڇيو تہ اسان کي ڪپڙي بابت ڪجهہ ٻڌائي وڃو- ۽ هن جواب ڏنو تہ

توهان جا ڪپڙا توهان جي سندرتا جو گهڻو ڪجهہ لڪائي ۽ ڍڪي ڇڏين ٿا، پر اهي اوهان جي ڪوجهائپ کي نٿا ڍڪين،

جيتوڻيڪ اوهان ڪپڙن جي پوشدگيءَ جي ڳولها ڪريو ٿا پر اوهان کي پراپت ٿين ٿا ٻنڌن ۽ مشڪلاتون،

ڪاش! جيڪڏهن اس ۽ هوا سان توهان جو ميلاپ توهان جي چمڙيءَ دواران ٿئي تہ وڌيڪ بهتر بجاءِ ان جي تہ ڪپڙن دواران ٿيندو رهي. ڇو تہ هن جيوت جا پراڻ سوريہ

جي پرڪاش ۾ ئي آهن ۽ جيوت جا هٿ هوا جي جهوٽن ۽ لوڏن ۾ آهن

توهان مان ڪيترا چون ٿا” اسان جيڪي ڪپڙا پهريون ٿا، ان کي اُتر جي هوا ناهيو آهي، ۽ مان بہ چوان ٿو تہ ها، ان کي اتر جي هوا ئي ناهيو آهي ليڪن شرير جي نسن جي سندرتا جي سُٺ سان لڄ ۽ شرم جي آڏاڻي ئي،

۽

جڏهن سندس ڪم پورو ٿي چڪو تہ هوءَ جهنگل ۾ تڙي

توهان جو گهر جهاز جو لنگر نه بڻجي، بلڪ ان جو ونجهه بڻجي،

هو ڪنهن گهاوَ جي پٽي نه، بلڪ اک جي سنڀال ڪرڻ وارو ڇپر بڻجي. توهان دروازي مان لنگهي سگهو ان لاءِ توهان پنهنجي ڪنين کي سڪيڙيو نه، ڇت سان ٽڪرجڻ جي ڊپ کان پنهنجي مستڪن کي مٿان جهڪايو، ۽ ان ڊپ کان ته مٿان ڀتيون ڊري ڪري نه پون، مٿان توهان ساهه کڻڻ بند ڪريو. توهان انهن مقبرن ۾ نه رهو جيڪي مري ويلن اوهان جيئرن جي لاءِ ٺاهيون آهن. پلي ڇو نه اوهان جوگهر سندر ۽ شاهاڻو هجي، پر توهان جو گهر، توهان جي رازن، ڳجهن تمنائن ۽ اڇائن کي اجهو ڏيئي نه سگهندو،

جيو ته،

جيڪو اوهان ۾ ابناسي آهي اهو آڪاش جي محل ۾ رهي ٿو جنهن جو ڦاٽڪ پريات جو ڪوهيڙو آهي ۽ جنهن جون دريون رات جي خاموش ۽ رات جا راڳ آهن.

11 - خريد فروخت

هڪ واپاريءَ پڇيو ته اسان کي خريد فروخت بابت ڇا ٿا ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو ته -

ڌرتي پنهنجي پيدائش اوهانجي حوالي ڪري ٿي ۽ جيڪڏهين اوهانکي پنهنجي جهولي ڀرڻ جي ڄاڻ هجي ته توهان کي ڪا به ڪوتاهي نه رهندي.

پرٿويءَ جي سوغاتن جي مٽاسٽ ۾ ئي اوهان کي اڻ ميو ڀيو ملندو ۽ اوهان سنتشٽ رهندا- پر جيڪڏهن ان مٽاسٽا ۾ پريم، ادار دلي ۽ نياءُ نه هوندو ته پوءِ اها ڪهڻن انسانن کي لوڀ ۽ لالچ ڏانهن ڪهلي ويندي ۽ ڪيترا ويچارا بکه ۾ پاهه ٿيندا رهجي ويندا.

اي، سا ر، ڪيتن ۽ ڊاک جي منهن ۾ محنت ڪرڻ وارا، جڏهين بزار ۾ اوهان ڪورين، ڪنيرن ۽ پسارين سان ملو ٿا تڏهن پاڻ ۾ پرٿويءَ جي مهان آتما سان توهان جي وچ ۾ ايندڙ ناراضيءَ ۽ شين جي ملهه مقرر ڪرڻ جي وهنوار کي شڌ ۽ پوتر ڪرڻ لاءِ پرارٿنا ڪريو ۽ پنهنجي خريد فروخت ۾ خالي هٿن وارن کي برداشت نه ڪريو جي صرف اوهان جي محنت جي موٽ ۾ پنهنجا ڪي شبد (يعني ڪورا دلاسا) ڏيڻ چاهن ٿا.

پکڙي کلڻ لڳي.

اِهو مٿان وساريو ته نيچ من جي اکين اڳيان حياءُ ڍال جي سمان آهي ۽

جڏهين ملين من ئي نه رهندو تڏهين حياءَ هڪ زنجير مثل ۽ بگڙيل ۽ اڌوري شين کان سواءِ ڇا هوندو ۽

اهو به پلجي نه وسار جو ته پرتوي اوهان جي ننگي پيرن جي ترين کي ڇهي ڪري ڪيڏو نه خوش ٿئي ٿي ۽ هوا اوهان جي وارن سان راند ڪرڻ لاءِ منتظر آهي

12- گناھ ۽ سزا

ان ڪان پوءِ شهر جو جج سامهون آيو ۽ هن چيو تہ هاڻي اسان کي گناھ ۽ سزا جي بابت ڪجھ ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو تہ

جڏهين اوهان جو وويڪ ۽ ٻڌي هوا ۾ سوار ٿي سئر ڪرڻ وڃي ٿي ۽ جڏهين اوهان اڪيلا ۽ بنا ڪنهن جي ديک ڀال جي حالت ۾ رهو ٿا تڏهين توهان ٻين لاءِ ۽ قل سروپ پنهن جو پاڻ سان گناھ ڪريو ٿا، ۽ ان گناھ جي ڪري توهان کي پريو جو دروازو کڙڪائيندي، دروازي تي لڄ ۽ شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪري دروازي کلڻ جي انتظاريءَ ۾ ترسڻو پوندو

توهان جي ساتوڪ ڀاونا ۽ ڪلياڻڪاري سڀاءُ سمنڊ جي برابر آهي. هو سدائين صاف، بي داغ ۽ اليپ رهي ٿو ۽ آڪاش وانگر هو صرف ڪنين وارن کي ئي مٿي کڻي ٿو ۽

توهان جو ساتوڪ ڀاو سج وانگر بہ آهي نہ تہ هو ڇڇندڙ جي رستي وڃي ٿو ۽ نہ وري هو نانگن جي ٻرن جي تلاش ئي ڪري ٿو

ليڪن اوهان جي هستيءَ ۾ اوهان جي الوڪڪ ڀاونا اڪيلي نٿي رهي. اوهان ۾ گهڻو ڪجھ اڃان بہ مانوتا

اهڙن انسان کي ڇئو تہ اسان سان گڏ ڪيتن ني هلو يا اسان جي پائرن سان گڏجي سمنڊ تي وڃو ۽ اتي وڃي چار پکيڙيو چو تہ پرتويءَ ۽ سمنڊ جيترو اسان ڏانهن ادار دل آهن اوترو اوهان ڏانهن بہ فرافدل هوندا، ۽

جيڪڏهين اتي ڳائڻ وارا، نچڻ وارا ۽ بنسري وڄائڻ وارا بہ اچن تہ انهن جي سوغاتن کي بہ خريد ڪريو چوتہ اهي بہ قل قول ۽ ڏوپ جا گراهڪ آهن تہ پل انهنجون آندل سوغاتون سپنن جي تارن سان ناهيل هجن پر تنهن هوندي بہ اهي توهان جي آتما جا ڪپڙا ۽ پوڄن آهن ۽

مارڪيٽ ڇڏڻ کان اڳ اوهان کي گهرجي تہ اها تلاش ڪريو تہ ڪير خالي هٿين تہ واپس نہ ويو آهي.

ڇاڪاڻ تہ پرتويءَ جي مهان آتما کي هوا جي سيج تي چين آرام ۽ شانتيءَ جي ننڊ نہ ايندي جيستائين اوهان مان ننڍي ۾ ننڍي جي ڪوٽ جون بہ گهر جون پوريون نہ ٿيون آهن.

گناهہ نٿو ڪري سگهي

هڪ جلوس وانگر اوهان سڀ گڏجي پنهنجي چڱائيءَ (ساتوڪ ڀاو) ڏانهن وڃو ٿا.

توهان راهہ آهيو ۽ راهگير بہ ۽ جڏهين اوهان مان ڪير ڪري ٿو تہ توهان جي پنيان ايندڙن لاءِ ڪري ٿو، انهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ تہ پٿر جي ٺوڪر کان بچن.

ها البت هو ڪري ٿو، اڳيان ويندڙن جي ڪارڻ جي جيئوٽيڪ وڌيڪ ڦرت ۽ بنا هچڪ هلڻ وارا آهن، پر تنهن هوندي بہ انهن ٺوڪر لڳائڻ واري پٿر کي هٽايو ڪونهي، ۽

اهو ياد رکو، پوءِ ڇاهي منهنجا شبد اوهان جي دلين کي ڀاري لڳن، جنهنجو خون ڪيو ويو آهي، هو بہ پنهنجي خون جي ڏوهہ کان ڇٽل نہ آهي ۽ جنهن کي ڦريو ويو آهي، هو پنهنجي ڦُر لاءِ نردوشي نہ آهي.

پڙيہ آتما دشٽ دواران ڪيل ڪرمن جي سبنڌ ۾ ابوجهہ نہ آهي ۽ پاڪ هٿن وارو، پاپ سان هٿن کي رڱڻ واري جي ڪرمن لاءِ بي داغ نہ آهي. اينرو ئي نہ گنهگار بہ اڪثر ڪري زخميل انسان دواران دکي ٿيندو آهي.

ان کان وڌيڪ سزاياب انسان ، نردوش ۽ بي داغ انسانن جو بوجهہ کڻڻ وارو ٿئي ٿو.

آهي ، ۽ گهڻو ڪجھ انسانيت نہ، بلڪ نيچ پرورتي سمايل آهي، جا ڏنڊ ۾ ننڊا ڪري حالت ۾ جاڳرتيءَ جي ڳولها لاءِ گهمي رهي آهي.

اوهان جي وويڪ جي باري ۾ مان هاڻي ڪجھ چوندس

چاڪاڻ تہ اهو ئي گناهہ ۽ گناهہ جي سزا ڪي جاڻي تو ۽ نہ ڪِ اوهان جا ساتوڪ پاو يا ڏنڊ ۾ ڳولهيندڙ نيچ پرورتي.

اڪثر مان اوهان کي گناهہ ڪرڻ واري جي نقط چيني ڪندو ٻڌو آهي جڻ تہ هو توهان مان هڪ نہ آهيبلڪ توهان لاءِ جڻ تہ هو هڪ اجنبي آهي ۽ اوهان جي سنسار ۾ بيجاءِ دخل ڪندڙ اوپلو انسان آهي.

پر منهنجو اِهو وشواس آهي تہ ڪهڙي بہ پوتر ۽ پاڪ آتما ان کان اوچ تي نٿي سگهي جيڪا اوهان هر ڪنهن ۾ موجوده آهي.

نيڪ ساڳئي طرح ڪير بہ دشت ۽ دربل ان نيچتا کان هيٺ ڪري نٿو سگهي جيڪا اوهان هر هڪ ۾ موجوده آهي ۽ جهڙيءَ طرح هڪڙو پن بہ پوري وڻ جي خاموشيءَ جي ڄاڻ بنا پيلو ٿي نٿو سگهي، نيڪ ان ريت گنهگار بہ اوهان سڀني جي گپت ۽ لڪيل اڇا کان سواءِ

ليڪن سندس خود جي آتما جو خون ڪيو ويو آهي.

اوهان ان تي مقدمو ڪيئن هلائيندا جو هلت چلت ۾ نه خود دوکيباز ۽ ظالم آهي پر خود ظلم ۾ پيڙيل آهي اوهان ان کي ڪيئن سزا ڏيندا جن جو پراشچت (پڇتاءُ) سندن جي برن ڪرمن کان اول هي وڏيڪ تي چڪو آهي. ڇا اهو پڇتاءُ ان قانون جو ڏنل انصاف نه آهي جنهنکي برقرار رکڻ لاءِ اوهان خود ڪوشش ڪريو ٿا، پر تنهن هوندي به توهان بي گناهه جي هرديه ۾ پڇتاءُ تو پي نٿا سگهو ۽ نه وري ڪنهن گنهگار ڏوهاريءَ جي من مان ڪڍي سگهو ٿا

بنا ڪوٺ جي رات جي وقت هو اچي ٿو ته جيئن انسان جاڳن ۽ آتم ڇڪاس ڪن، ۽ توهان جيڪي انصاف کي جاڻڻ چاهيو ٿا، سي ان کي ڪيئن ٿا ڄاڻي سگهو جيسين سيني ڪمن کي پوريءَ روشنيءَ ۾ نٿا ڏسو. تڏهين هي اوهان ڄاڻي سگهندا، ته اتيل ۽ ڪريل ٻئي توهان جي نيچ هستي جي رات ۽ ساتوڪ هستيءَ جي ڏينهن جي ميلاپ واري گهڙيءَ جي ڌنڌلي روشنيءَ ۾ بيٺل هڪ ئي انسان آهي ۽ مندر جي ڪنڌ ۾ پيل (لڳل) سهڻو گهڙيل پٿر مندر جي پيڙهه ۾ سڀ کان هيٺ پيل پٿر کان ڪنهن به حالت ۾ اوچو نه آهي.

اوهان نيائي(انصاف پسند) کي ڪنيائي (بي انصاف وارو) ڪان، سني کي خراب ڪان جدا ڪري نٿا سگهو،

چو تہ سچ جي سامهون ان وانگر ڳڏوڳڏ بيٺل آهن جهڙيءَ ريت ڪارا ۽ سفيد ڌاڳا ڳڏو ڳڏ ڪپڙي ۾ آندا ويا هجن. جڏهين ڪارو ڌاڳو ٽٽي ٿو تہ ڪوريءَ کي سجو ڪپڙو ڏسڻو پوي ٿو ۽ پنهنجي آڏاڻي جي بہ جاچ ڪرڻي پويس ٿي.

اگر اوهان سان ڪير بي وفا ڪنوار (پتني) لاءِ انصاف ڪرڻ بهي تہ ان کي گهرجي تہ هو هنن جي پتيءَ جي هرديہ کي بہ ڪانٽي تي توري ۽ ان جي آتما کي سزا جي ماپ سان ماپي. ڪنهن گنهگار کي ڦٽڪن لڳائڻ واري کي گهرجي تہ جنهن سان گناه ڪيو ويو آهي، ان جي اندر بہ هن کي ليئو پائي ڏسڻ گهرجي

اوهان مان ڪير جيڪڏهين پچ جي نالي تي ڏنڊ ڏيڻ چاهي ۽ پاپ جي وڻ کي ڪهاڙيءَ سان ڪٽڻ چاهي تہ ان کي گهرجي تہ هو ان جي پاڙن کي بہ ڏسي. پڪ هي هو پلي ۽ بري ڦلدايڪ ۽ بنا ڦل واري جي پاڙن کي پرٿويءَ جي اندر پاڻ ۾ ڳنڍيل مسيل ڏسندو. هي انصاف پسند، جج صاحبو، اوهان ان کي ڪهڙي سزا ڏيندا جي شرير سان تہ ايماندار آهن پر من ۾ چور آهن ۽ توهان ان انسان کي ڪهڙي سزا ڏيندا جو شاريرڪ هتيا ڪري ٿو

قانون هڪ چيٽيءَ سان ڪاٺي پاڻ جهڙيءَ مورتيءَ وانگر گهڙي ڇڏي ٿو. ان لنگڙي بابت ڇا چئجي جيڪو نچڻ وارن کي ڌڪاري ٿو.

ان ڍڳي بابت ڇا چئجي جيڪو پاڄاريءَ کي پسند ڪري ٿو ۽ جهنگل ۾ بي روڪ ٽوڪ گهمندڙن هرڻن ۽ ڦاڙن کي گهمراهہ ٽيل ۽ آوارهہ سمجهي ٿو.

ان ٻڍي نانگ بابت ڇا چئجي جيڪو پنهنجي کل لاهي نٿو سگهي ۽ ٻين کي اگهاڙو ۽ بي شرم سمجهي ٿو.

ان باري ۾ ڇا چئجي جو شاديءَ جي مجلس ۾ سڀ کان پهرين اچي پيٽ ڪوڙي کائڻ وهي ٿو ۽ ڪائي ڪائي پيٽ ڀرڻ کان پوءِ پنهنجو رستو وٺي وڃي ٿو ۽ ائين چوندو وڃي ٿو تہ سڀ دعوتون قانون جي برخلاف آهن ۽ دعوت ۾ کائيندڙ پڻ قانون ٽوڙيندڙ آهن

انهن سيني جي باري ۾ مان سواءِ ان جي ڇا ٿو چئي سگهان تہ هو بہ سج جي روشنيءَ ۾ بيٺا آهن پر سج ڏانهن پٺي ڏيئي بيٺا آهن ۽ اهي صرف پنهنجو پاڇو ڏسن ٿا ۽ انهن جا پاڇا انهن جا قانون آهن ۽ سج انهن لاءِ سواءِ پاڇي پيدا ڪرڻ کان سواءِ ڇا ٿو ٿي سگهي ؟

قانون کي سويڪار ڪرڻ جو مطلب، هيٺ جهڪي ڪري ڌرتيءَ تي پنهنجي پاڇي جي روپ ريکا کي نشان ڪرڻ

13 - قانون

ھڪ وڪيل پڇيو تہ سائين قانون بابت اوھان جو ڇا رايو آھي ؟ ھن جواب ڏنو تہ

اوھان کي قاعدن ٺاھڻ ۾ مزو ايندو آھي ۽ انھنکي ٽوڙڻ ۾ اوھان کي وڌيڪ مزو ايندو آھي.

جيئن سمنڊ جي ڪناري تي کيڏندڙ ٻار ايڪاگر چت سان واريءَ جو محل ٺاھي ۽ وري کل ڀرچي ۾ ڊاھي ڇڏيندا آھن.

جڏھين اوھان محل ٺاھيو ٿا تہ سمنڊ بہ ڪناري تي وڌيڪ ريتي آڻي ڇڏي ٿو ۽ جڏھين اوھان ان ٺاھيل واريءَ جي محل کي ڊاھيو ٿا تہ سمنڊ بہ اوھان تي ٺٺولي نموني ۾ کلي ٿو

پڪ ئي پڪ سمنڊ سدائين نردوش جي کل ۾ ساٿ ڏيندو آھي

پر اھڙن انسانن جي باري ۾ ڇا چئجي جن لاءِ جيون ھڪ سمنڊ نہ آھي بلڪ انساني گھڙيل قانون صرف ريتي جا ٺھيل محل نہ آھن.

بلڪ جن لاءِ جيون ھڪ جبل جي چٽان آھي جنھن کي

14 - آزادي

تذهين هڪ ياشڻ ڏيندڙ عرض ڪندي آزاديءَ بابت
پڇيو ۽ هن جواب ڏنو تہ

مان توهان کي شهر ۾ ڳوٺن ۾ سياري جي موسم ۾ باهہ
ٻاري چوڌاري وهندڙ ماڻهن جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ دواران
آزاديءَ لاءِ ظاهر ڪندڙ شرڌا ۽ ساشٽانگ پرڻام ڪندي
ڏٺو آهي ، ان وانگر جهڙيءَ طرح غلام پنهنجي اتياچاري
مالڪ کي منت ۽ وڏائي ڪندو آهي، جيتوڻيڪ هو کيس
ماري بہ ڇڏيندو آهي.

ها، ها، مون مندر جي ڪُنج ۾ قلعي جي اوٽ ۾ اوهان
مان سڀ کان آزاد ۾ آزاد آدميءَ کي بہ پنهنجي آزاديءَ
کي پاڃاريءَ ۽ هٿڪڙين ۾ پابند ڪندو ڏٺو آهي.۽

منهنجو من اندر ۾ اندر رنو آهي، ڇو تہ حقيقت ۾ اوهان
آزاد تڏهين ٿيندا جڏهين آزاد ٿيڻ جي خواهش بہ
اوهان کي ٻنڌن سمجهڻ ۾ ايندي ۽ جڏهين آزاديءَ کي
اوهان پنهنجو مقصد ۽ منزل سمجهڻ ڇڏي سگهندا
حقيقت ۾ اوهان آزاد تڏهين سمجهبا جڏهن اوهان جا
ڏينهن چنتائن کان خالي نہ هوندا ۽ نہ اوهان جون

ڪان سواءِ ڇا آهي ؟

ليڪن سڄ ڏانهن منهن ڪري هلڻ وارا، توهان کي پيوميءَ تي نڪتل پاڇي جون شڪليون روڪي سگهن ٿيون ؟ ۽ هوا سان گڏ ياترا ڪرڻ وارا ڪهڙو اهڙو هوا جو جهوڪو آهي جو اوهان جي رهنمائي ڪري سگهي.

جيڪڏهين اوهان پنهنجي پاڄاريءِ توڙي اڇلائي ڇڏيو ٿا، ليڪن اوهان انسانن دواران ناهيل جيل خاني جي دروازي تي نہ آهيو پوءِ توهان کي انسان جو ناهيل اِهڙو ڪهڙو قانون آهي جو اوهان کي قابو ڪري سگهي، جڪڏهين اوهان نَچو ليڪن انسانن دواران ناهيل لوهي زنجيرن سان بنا ٽڪجڻ جيءَ تہ پوءِ توهان کي ڪهڙي قانون جو ڊپ آهي-

جيڪڏهين اوهان پنهنجي ڪپڙن کي ڦاڙي ڦتو ڪريو پر ڪنهن جي رستي ۾ نٿا اڇلايو تہ اهڙو ڪهڙو قانون آهي جو اوهان کي انصاف جي ڪرسيءَ جي سامهون ڀاري سگهي ؟

اي آرناليز واسيو، نغاري جو آواز دٻائي سگهو ٿا، ليڪن چڪور کي ڳائڻ کان منع ڪرڻ لاءِ اهڙو ڪير آهي جو حڪم ڏيئي سگهي.

۾ سندس لاءِ جا جڳهه آهي سا نابود ۽ نشٽ ٿي چڪي آهي.

پوءِ جيڪڏهين آزاد ۽ سوايماني ۽ جي آزاديءَ ۾ انياچار ۽ سوايمان ۾ بيشرميءَ جو قطرو نه آهي ته ان تي ڪوئي انياچاري راڄ ڪري ئي ڪيئن سگهندو؟

اوهان ڪنهن چنتا کي متائي ڦٽو ڪرڻ چاهيو ٿا پر ان چنتا کي خود اوهان ئي ته پاڻ پسند ڪيو آهي ڪنهن اوهان تي مڙهي ڪانه آهي.

اوهان ڪنهن ڊپ کي ڪڍڻ چاهيو ٿا پر ان جو نواس استان اوهان جي من مندر ۾ ئي آهي ۽ نه ڪِ ان جي هٿ ۾ جو اوهان کي ڊيڄاري ٿو

حقيقت اهي سڀ شيون هڪ ٻئي سان گڏ جي اوهان جي اندر موجوده رهن ٿيون جن کي اوهان چاهيو ٿا ۽ جن کان اوهان ڊڄو ٿا، جن کان اوهان کي نفرت آهي ۽ جن لاءِ اوهان کي اندر ۾ آلسا آهي، جن جي پٺيان ڊوڙي رهيا آهيو ۽ جن کان اوهان ڇو ٽڪارو پائڻ چاهيو ٿا.

اهي سڀ شيون اوهان جي اندر ۾ ڇايا ۽ پرڪاش وانگر ان روپ ۾ آهن جيڪي هڪ ٻئي کان الڳ ٿي نه سگهن ۽ اوهان جي اندر ڳهمي رهيون آهن.

راتيون واسنا ۽ شوق کان خالي ھونديون.

بلڪ جڏھن اِھي ڳالھيون اوھان کي دکي ڪنديون تڏھين اوھان انھن تي سوڀ پائي مکت ٿيندا. پر اوھان پنھنجي ڏينھن ۽ راتين تي سوڀ ڪيئن پائيندا جيسين اوھان انھن زنجيرن کي ٽوڙيو ناھي جن کي اوھان پنھنجي گيان جي پرھ ڦٽيءَ ۾ پنھنجي ٻپھرين جي چوڌاري ڪسي ٻڌي ڇڏيو آھي.

حقيقت ۾ جنھن کي اوھان آزادي چئو ٿا سا ھنن سڀني کان مضبوط زنجير آھي.

جيتوڻيڪ سندس ڪڙيون اس ۾ چمڪن ٿيون ۽ اوھان جي اکين کي اچرج ۾ وجھن ٿيون ۽ اھي آھن ڇا ؟ اوھان جا خود جا ٽڪر ئي تہ سھين جنکي تياڳ ڪري اوھان آزاد ٿيڻ چاھيو ٿا، اوھان ڪن انياءُ پرپور قانونن کي رد ڪرڻ چاھيو ٿا پر اھي قانون بہ اوھان پنھنجي ھٿن سان پنھنجي مستڪ جي للاٽ تي لکيا آھن توھان انھن کي متائي نٿا سگھو چاھي اوھان قانون جا ڪتاب جلائي ڇڏيو ۽ پنھنجي ججن جي دماغ صاف ڪرڻ لاءِ سڄي سمنڊ کي ڪپايو.

اوھان جنھن ظالم راجا کي تخت تان ھٽائڻ چاھيو ٿا تہ پھريائين اِھا پڪ ڪريو تہ توھان جي من

15 -وويڪ ۽ واسنا

پوڄارڻ وري چيو تہ اسان کي وويڪ ۽ واسنا بابت ڪجھہ ٻڌايو ۽ هن چيو تہ

انيڪ ڀيرا اوهان جو انتهڪرڻ سنگرام ڀومي بڻجيو پوي جتي اوهان جو وويڪ ۽ اوهان جي نياءَ ٻڌي اوهان جي واسنا ۽ لالچ جي برخلاف يڌ ڪري ٿي

ڪاش ! مان جيڪر اوهان جي انتهڪرڻ ۾ شانتي پيدا ڪندڙ بڻجي سگهان ۽ اوهان جي اندر پاڻ ۾ مخالفتي جزن کي هڪ ڪري سگهان.

پر مان اهو ڪيئن‌ءَ ڪري سگهندس جڏهين اوهين خود صلح پسند نہ ! نہ !! پنهنجي سيني امنگن جا پريمي نہ آهيو.

توهان جو وويڪ ۽ توهان جي واسنا اوهان جي سمنڊ پار ڪندڙ آتما جو سڙھ ۽ سکان آهي جتي اوهان جو سڙھ ۽ سکان ٽٽي پوي تہ اوهان لهرن جي ڌڪن سان ڪٽي جو ڪٺي وهي ويندا يا تہ وچ سمنڊ ۾ جتي هوندا اتي رڪجي پوندا چوتہ

وويڪ اڪيلو راڄ ڪندي مريادا ۾ هلائڻ واري شڪتي آهي ۽ بي لغام واسنا اها جوالا آهي جا خود پاڻ کي جلائي

جڏهين ڇايا (ڇاپو) جهڪو ٿيندو آهي ۽ ختم ٿي ويندو آهي تڏهين اهو پرڪاش (روشنيءَ) جي موڪلائڻ لاءِ وقت وٺندو آهي ۽ ٻئي پرڪاش لاءِ ڇايا ٿي پوندو آهي.

ان ريت جڏهين اوهان جي آزادي پنهن جون ٻيڙيون ٽوڙي ڇڏيندي آهي تڏهين وڏيڪ اُتم آزاديءَ لاءِ ٻيڙيون بڻجي پوندي آهي.

16 - دک

هڪ ناريءَ پڇيو، اسان کي دک بابت ڪجهه ٻڌايو ۽ هن چيو تہ

توهان جو دک ان ڇلڪي (پڙدي) کي ٽوڙڻ لاءِ آهي جنهن اوهان جي گيان کي پنهنجي اندر لڪائي رکيو آهي.

جهڙيءَ طرح ڦل جي ڪنور ڇلڪي کي لاهڻ ضروري آهي تہ جيئن سندس هرديہ سورج جي پرڪاش ۾ اچي سگهي ان ريت اوهان کي بہ دک جي ڄاڻ ٿيڻ ضرور گهرجي

جيڪڏهين اوهان پنهنجي جيون جي روز مره جي چمتڪارن تي ڀاڻ کي اچرج ۾ رکي سگهو تہ اوهان کي اوهان جو دک اوهان جي سک جي ڀيٽ ۾ گهٽ اچرج ۾ وجهندڙ نہ لڳندو ۽

اوهان پنهنجي من جي ڦير گهيڙ کي ان ريت سويڪار ڪريو جهڙيءَ طرح اوهان مندن جي متا ستا کي سويڪار ڪريو ٿا جي اوهان جي کيتن لاءِ ٿين ٿيون ۽ اوهان شانتي سہ پنهنجي شوڪ جي سَرءُ کي ڏسي سگهندا

پنهنجي دک کي گهٽي ڀاڱي اوهان خود پاڻ پيدا ڪيو آهي.

ختم ڪرڻ سوڌو جلندي رهي ٿي.

تنهن ڪري اوهان جي آتما اوهان جي وويڪ کي واسنا جي اوچائيءَ تائين آڻي سگهي جو هوءَ ٻائي سگهي، ۽ اوهان واسنا کي پنهنجي وويڪ مان پيدا ٿيڻ ڏيو جيئن اوهان جي واسنا سدائين پنهنجي ناستيءَ ۾ پنهنجو نئون جنم پائي سگهي ۽ انل پکي وانگر ڀسم تي وري جيئرو ٿي سگهي. مان چاهيان ٿو ته اوهان پنهنجي وويڪ ۽ لالچ جو آءُ آدر پنهنجي گهر ۾ آيل ٻن پيارن مهمانن وانگر ڪريو،

پڪ آهي ته هڪ مهمان جو ٻئي مهمان کان وڌيڪ آءُ آدر اوهان ڪونه ڪندا ڇو ته جو هڪ جو وڌيڪ خيال رکي ٿو اهو ٻنهي جي پريم ۽ وشواس کي وڃائي وهي ٿو جڏهين اوهان پهاڙن ۾ نم جي وڻ جي سيتل (ٿڌي) ڇانوَ ۾، ڪيتن ۽ ميدانن جي شانتيءَ ۽ گنڀيرتا ۾ ياڳ وننديِ وهو ٿا تڏهين اوهان جو هرديه ان شانتيءَ ۾ بولي،'' ايشور وويڪ ۾ رهي ٿو'' ۽ جڏهن طوفان اٿن، تيز هوا جهنگلن کي ختم ڪري ۽ بجلي ۽ بادلن جي ڪڙڪ آواز، آڪاش جو شاندار دٻدٻو ظاهر ڪن ٿا تڏهين اوهان جو هرديه ڊپ ۾ اچي چوي ٿو'' ايشور واسنا ۾ چڪر ڏيئي ٿو'' ۽ جيئن ته اوهان پريوءَ جي دنيا ۾ هڪ ساهه آهيو ايشور جي جهنگل ۾ هڪ پن آهيو تنهن ڪري اوهان به وويڪ ۾ نواس ۽ واسنا ۾ چڪر ڏيو

17 -آتم گيان

هڪ آدميءَ پڇيو

آتم گيان بابت اسان کي ڪجهه ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو تہ اوهان جو من شانت ۾ ڏينهن ۽ رات جي رازن کي ڄاڻي ٿو،

پر اوهان جا ڪن اوهان جي هرديہ جي گيان جو آواز ٻڌڻ جا پياسي آهن.

جبکي اوهان ويچارن ۾ سدا ڄاڻيندا رهو ٿا، انهن کي اوهان شبدن ۾ بہ ڄاڻڻ چاهيو ٿا ۽ ائين ڪرڻ ٺيڪ بہ آهي.

اوهان جي آتما جي لڪيل پاڻيءَ جي لهر کي ٻاهر نڪري ڳُڙ ڳُڙ ڪري سمنڊ ڏانهن وهڻ گهرجي تڏهين اوهان جي اندر گهراين ۾ لڪيل خزاني کي پنهنجي اکين ا گيان ظاهران ظهور ڏسي سگهندا.

پر اوهان جي لڪيل خزاني کي تورڻ لاءِ تارازيءَ جي ضرورت نہ آهي. ۽

ڪنهن ٻانس يا ماپي ڪرڻ واري ڏوريءَ سان پنهنجي گيان جي گهرائي ماپڻ جي ڪوشش هرگز نہ ڪريو، ڇوتہ،

دک هڪ ڪوڙي دوا آهي جنهن وسيلي اوهان جو انتر واسي حڪيم اوهان جي روڳ پٽي کي نيڪ ڪري ٿو.

ان ڪري پنهنجي حڪيم تي وشواس ڪريو ۽ سندس ڏنل دوا کي چپ چاپ شانتي ڪري پي ونو ڇو تہ، سندس هٿ جيتوڻيڪ ڪنور، سخت ۽ ڳرا (ڀاري) آهن، پر اهي بہ اڻ ڏٺل شڪتيءَ جي ڪومل هٿ سان پيدا ٿيل آهن، ۽ سندس ڏنل پيالو جيتوڻيڪ اوهان جي چپن کي جلائي ٿو، پر تنهن هوندي بہ اهو ان مٽيءَ سان ناهيو ويو آهي جنهن کي ڪنير پنهنجي پوتر ڳوڙهن سان ڳوهيو آهي.

18 - پڙهائي

تڏهين هڪ ماستر چيو

اسان کي پڙهائيءَ بابت ڪجهه چئو ۽ هن چيو ته

اوهان جي گيان جي پرهه ڦٽيءَ ۾ جو ڪجهه پهريائين ئي اڌوري ننڊاڪري اوستا ۾ آهي، انڪان سواءِ ڪير به اوهانجي اڳيان ٻيو ڪجهه وڌيڪ ظاهر نٿو ڪري سگهي

جو ماستر پنهنجي شاگردن جي وچ ۾، مندر جي ڇايا هيٺ چڪر ڏيئي ٿو ته هو انهن (شاگردن) کي پنهنجي گيان جو قطرو نه بلڪ پنهنجو وشواس ۽ ماتا روپي پيار ڏيئي ٿو.

جيڪڏهن هو حقيقت ۾ ٻڌيمان آهي ته هو توهان کي پنهنجي گيان مندر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ نه چوندو بلڪ هو اوهان کي اوهان جي ٻڌيءَ جي چائنٺ(منڍ) تائين وٺي ويندو.

کگول(نکشتر) وديا جو ڄاڻو آڪاش جي گيان بابت اوهان سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي ٿو پر هو پنهنجو گيان اوهان کي ڏيئي ڪونه سگهندو

راڳيندر ڳائي ڪري اوهان کي سڀني سرن جي

آتما اڳاڏ ۽ اسيم (اڻميو) سمنڊ آهي جنهن جي ماپ ڪرڻ ڏکي آهي.

”مون سچ کي ڄاتو“ ائين نہ چئو،

پر ائين چئو تہ”مان هڪ سچ کي ڄاتو“ مون آتما جو رستو ڳولهي پاتو ائين بہ نہ چئو پر ائين چئو تہ ”مان پنهنجي رستي تي هلندي آتما جو درشن ڪيو“ ڇو تہ

آتما سڀني رستن تي هلي ٿي

آتما صرف هڪ ليڪ تي نٿي هلي ۽ نہ اها هڪ ڪاني وانگر اسري ٿي

آتما پاڻ کي ان ڪمل وانگر کولي ٿي ۽ وڌائي ٿي جنهن جا پن اڻ ڳڻيا آهن.

19-دوستي

هڪ جوان چيو تہ ، اسان کي دوستي بابت ڪجهہ ٻڌايو ۽
هن جواب ڏنو تہ
اوهان جو دوست اوهان جي ڪوٽ جي گهرج جي پورائي
آهي.
هو اوهان جو کيت آهي جنهن ۾ اوهان پريم جو ٻج پوکيو
ٿا ۽ احسانمنديءَ جو ڦل پايو ٿا،
هو اوهان جو ڀوڄن گهر آهي ۽ ساڳئي وقت آرام جي جڳهہ
پڻ چو تہ
اوهان ان وٽ پنهنجي بک ڪٽي وڃو ٿا ۽ شانتي پائڻ جي
اچا سان ان جي تلاش ڪريو ٿا
جڏهين اوهان جو دوست اوهان جي سامهون پنهنجي دل
کولي رکي ٿو تہ توهان پنهنجي من جي ”نہ“ کي ظاهر
ڪرڻ ۾ نہ هچڪو ۽ نہ وري” ها“ ڪرڻ ۾ ٻجو جڏهين
هو چپ ٿئي تڏهين بہ اوهان جو من هن جي دل جو آواز
ٻڌڻ بند نٿو ڪري، چو تہ دوستيءَ ۾ اکرن جي مدد کان
سواءِ سمورا ويچار، سموريون ڪامنائون ۽ سموريون
خواهشون اڻ مئي آنند سان اتپن ٿين ٿيون ۽ آنند ڏين

ڪجھہ ليہ جو آنند ۽ موج ونائي سگھي ٿو پر ھو ان سرن جي ليہ موج کي پڪڙي سگھڻ لاءِ ڪن ڏيئي نٿو سگھي ۽ نہ وري آواز ڏيئي ٿو سگھي جو ان کي موٽ ۾ ڪير ٻڌائي سگھي.

حسابن ۾ تمام ھوشيار اوھان سان تور ۽ ماپ جي بنياد بابت ڪجھہ ٻڌائي سگھي ٿو پر ھو توھان کي اتي وٺي وڃي ڪونہ سگھندو، ڇو تہ

ھڪ انسان جي درشن شڪتي ٻئي انسان کي ڪنڀ ڏيئي نہ سگھندي ۽ جيئن ايشور جي درشتيءَ ۾ اوھان سڀ الڳ الڳ بيٺا آھيو، ان ريت اوھان مان ھر ھڪ کي پنھنجي ايشور جي گيان بابت ۽ ان جي سمجھڻ ۾ اڪيلو ھي رھڻ گھرجي.

دوست ڇا اھڙي شيءِ آھي جنھن جي اوھان پنھنجو
وقت ڪاٽڻ ۽ وڃائڻ لاءِ تلاش ڪريو بلڪ سدائين وقت جو
فائدو وٺڻ لاءِ اوھان ان جي تلاش ڪريو
ڇو تہ
ان جو ڪم اوھان جي گھرج پوري ڪرڻ آھي ۽ نہ اوھان
جي کوٽ کي پرڻ لاءِ ۽

دوستيءَ جي ميناج ۾ کل ۽ خوشيءَ جو ڇڪچتو ھجي،
ڇو تہ
ننڍين ننڍين شين جي ماڪ جي بوندن ۾ ھرديہ پنھنجي
پربات ڏسي ٿو ۽ تازو توانو ٿي اٿي ٿو.

ڏيون.

جڏهين اوهان پنهنجي دوست کان الڳ ٿيو تہ ڏک نہ ڪريو،

ڇو تہ اوهان ان ۾ جنهن شئي کي سڀ کان وڌيڪ پيار ڪريو ٿا، اهوئي سندس غير حاظريءَ ۾ وڌيڪ ظاهر ٿي سگهي ٿو جهڙيءَ طرح هڪ جبل تي چڙهندڙ کي ميدانن مان جبل وڌيڪ صاف ۽ سندر ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

پنهنجاپ کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ گهرو ڪرڻ کان سواءِ اوهان جي دوستيءَ ۾ ٻيو ڪو بہ مطلب ٿيڻ نہ گهرجي ڇو تہ

جو پريم پنهنجي راز جي گهونگهٽ کولڻ کان سواءِ ڪجهہ وڌيڪ کوج ڪري ٿو، اهو پريم ناهي پر هڪ ڄار آهي جنهن ۾ نڪمي ۽ بيڪار وستو کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نٿو ڦاسي،

اوهان جي سڀ کان وڌيڪ پياري ۾ پياري شيءَ اوهان جي دوست لاءِ ٿيڻ گهرجي،

جنهن اوهان کي جيون جي سمنڊ ۾ مصيبتن ۾ ساٿ ڏنو آهي، انکي پنهنجي ترقيءَ ۽ سک جي وقت ڳڏ رکو، ڇو تہ

خود سمجهي نٿا سگهن، ۽ ڪي انسان اهڙا آهن جن ڪي هرديہ ۾ سچ آهي پر هو زبان سان چئي نٿا سگهن.

اهڙن ئي انسانن جي هرديہ ۾ آتما موج جي راڳ ۾ نواس ڪري ٿي.

جڏهين اوهان پنهنجي دوست کي سڙڪ تي يا بزار ۾ ملو تڏهين اوهان جي پاونا اوهان جي چپن کي چوري ۽ زبان کي هلائي.

اوهان جي واڻيءَ جي واڻي سندس ڪنن جي ڪنن ۾ داخل ٿئي، چو تہ

سندس آتما اوهان جي هرديہ جي سچ کي سنڀالي رکندي، جهڙيءَ طرح شراب جي پيالي سامهون نہ هجڻ ڪري، ان جي رنگ جي ياد نٿي رهي پر ان جي سواد جي ياد رهي ٿي.

20 - بحث مباحث

تڏھين ھڪ ودوان چيو تہ اسان کي بحث مباحث بابت ڪجھہ ٻڌايو ۽ ھن جواب ڏنو تہ

جڏھين توھان ۾ توھان جي ويچارن ۾ شانتي نٿي رھي تڏھين اوھان بحث مباحث ڪريو ٿا

جڏھين اوھان پنھنجي ھرديہ جي ايڪانت جي نواس ۾ وڌيڪ رھي نٿا سگھو تڏھن پنھنجو واسو چپن تي آڻيو ٿا ۽ واڻي ڦير گھيرڙ ۽ وقت ڪاٽڻ جو وسيلو آھي ۽

اوھان جي گھڻين چرچائن ۾ ويچارن جو ڪچو منبر ڪڍيو وڃي ٿو چو تہ

ويچار آڪاش جو پکي آھي جو شبدن جي پڃري ۾ پنھنجا کنڀ بيشڪ ڦڙڪائي ٿو پر اڏامي نٿو سگھي.

اوھان مان ڪيترا ايڪانت کان ڊڄي ڳالھائيندڙن جي کوج ڪن ٿا، چو تہ

ايڪانت انھن جي اکين سامھون سندن ننگو روپ ظاھر ڪري ٿي ۽ ھو ان کان بچڻ چاھن ٿا، ۽ ڪي انسان ڳالھائيندي، اڻ ڄاڻ ۾ ڪو سچ چئي وڃن ٿا، جنھنکي ھو

هو ندي بہ اهو کير محسوس نٿو ڪري تہ اهو پريم جنهن
ڪي ڪا حد (سيما) نہ آهي ان جي موجودگيءَ جي وچ ۾
رهندي نہ تہ هڪ پريم پاونا ڪان بئي پريم پاونا ڏانهن
ءَ نہ هڪ پريم ليلاڪان بئي پريم ليلا ڏانهن وڌي ٿو-

ڇا پريم وانگر وقت بہ اڻ مئو ۽ اچل نہ آهي ؟

ليڪن جي اوهان وقت کي پنهنجي ويچار ۾ مندن ۾
ماپڻ چاهيو ٿا تہ هر هڪ مند کي ٻين سڀني مندن کي
گهيرڻو ڪرڻ ڏيو ۽ اڄ جي يادگيريءَ دوران گذريل جو ۽
اڃا دوران آئينده جو ستڪار ڪرڻ ڏيو.

21 - وقت

اينري ۾ هڪ نڪشتر وديا جي ڄاڻوءَ پڇيو مالڪ، وقت جي بابت ڪجهه ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو

توهان ان وقت جي ماپ ڪرڻ چاهيو ٿا جنهن کي نه ماپ آهي ۽ نه ماپي سگهجي ٿو،

وقت ۽ مندن جي انوسار اوهان پنهنجي وهنوار ۽ آتما کي به نهڪائڻ چاهيو ٿا،

وقت کي اوهان هڪ نهر بڻائڻ چاهيو ٿا جنهن جي ڪناري تي ويهي اوهان ان جي وهڪري کي ڏسڻ چاهيو ٿا

ليڪن اوهان جي اندر جو واسي اوهان جي جيون جي وقت جي گهٽتائي کي ڄاڻي ٿو نه گذريل ڪلهه اڄ جي يادگيري آهي ۽ ايندڙ سڀاڻي اڄ جو سپنو آهي ۽ اهو جو اوهان جي هرديه ۾ رهي ٿو ۽ ويچار ڪري ٿو هاڻي به ان پهرينءَ گهڙيءَ جي دائري ۾ نواس ڪري ٿو جنهن گهڙيءَ آڪاش ۾ تارن کي پکيڙيو آهي.
توهان ۾ اهڙو ڪير آهي جيڪو اهو سمجهي نٿو ته سندس پريم ڪرڻ جي شڪتي اڻ مئي(اسيم) آهي ۽ تنهن

وانگر يلي گهمي پر تنهن هوندي به شل سرن درياھ نه ٽئي.

جڏهين اوهان پنهنجو پاڻ کي دان ڪرڻ لاءِ ڪنن محنت ڪريو ٿا، تڏهين اوهان سنا آهيو، ۽

تڏهين به اوهان برا نه آهيو جڏهين پنهنجي لاپ لاءِ محنت ڪريو ٿا، ڇوته

جڏهين اوهان لاپ لاءِ ڪنن محنت ڪريو ٿا تڏهين توهان صرف هڪ پاڙ آهيو جا پرٿويءَ کي ڇهتي سندس ٿڃ پئي ٿي، پڪ آهي ته ڦل پاڙ کي ڪونه چوندا ته ”تون به اسان وانگر ٿيءُ پورو پڪل ۽ ٻين کي پنهنجو سڀ ڪجهه ڏيڻ لاءِ سدائين تيار“ ڇوته

ڦل جي ضرورت آهي ڏيڻ ۽ پاڙ جي ضرورت آهي وٺڻ.

اوهان سنا آهيو جڏهين اوهان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سدائين خبردار آهيو پر

تڏهين به اوهان برا نه آهيو جڏهين اوهان ستل آهيو ۽ اوهان جي زبان بيمطلب آلاپ ڪري ٿي ۽

بي مطلب آلاپ به ڪمزور زبان کي مظبوط بڻائي سگهن ٿا،

اوهان سنا آهيو جڏهين اوهان پنهنجي منزل مقصود ڏانهن

22 - ڀلائي برائي

شهرجي هڪ بزرگ پڇيو،

اسان کي ڀلائيءَ ۽ برائيءَ بابت ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو

اوهان ۾ جا ڀلائي آهي ان بابت ته مان چئي سگهان ٿو پر برائيءَ جي بابت ڪجهه نه،

برائي آهي ڇا؟ بک ۽ اڃ کان ستايل ڀلائي ئي ته برائي آهي

جڏهين ڀلائيءَ کي بک لڳي ٿي تڏهين اونداهي غفائن ۾ به هوءَ پنهنجو کاڌو ڳولهي ٿي ۽ جڏهين کيس اڃ لڳي ٿي تڏهين گندو پاڻي به پي وڃي ٿي.

جڏهين اوهان سروپ سان ملي هڪ ٿيو ٿا تڏهين اوهان سٺا آهيو، پر

جڏهين اوهان سروپ سان ملي هڪ نٿا ٿيو تڏهين به اوهان برا نه آهيو ڇو ته وراهيل گهر چورن لاءِ خوشي نه پر وراهيل گهر ئي آهي

۽ هڪ بنا ونجهه ٻيڙي خطرناڪ ٻيٽن ۾ بنا مقصد اڏ مئل

ليڪن جنھن شخص جون اڇائون وڏيڪ ۽ پربل آھن، ان کي پاڻ کان گھٽ ۽ ڪمزور اڇائن واري کي ائين چوڻ نہ گھرجي تہ'' توھان سست ۽ رڪجي ھلڻ وارا ڇو آھيو'' ڇو تہ ڪير بہ سچ پچ نيڪ انسان اگھاڙي کان اِھو نٿو پڇي تہ '' تنھنجا ڪپڙا ڪٿي آھن'' ۽

نہ ڪنھن بناگھر ٻار واري کان پڇي ٿو تہ '' توھان جي گھر ٻار کي ڇاٿيو.''

مظبوط اِرادي ۽ همت سان اڳتي پيروڊايو ٿا ۽

تڏهين بہ اوهان برا نہ آهيو جڏهين اوهان ان طرف لنگڙائي لنگڙائي هلو ٿا-

لنگڙائي هلندڙ انسان بہ پٺتي ڪونہ موٽندا ليڪن جي مظبوط ۽ ڦڙت آهن تن کي گهرجي تہ اِها ڳالهہ تي ڪرپا سمجهي، ڪڏهن لنگڙي کي سامهون ڏسي پاڻ بہ لنگڙائي هلڻ شروع نہ ڪن. توهان اڻ ڳڻئي طريقي طور سنا آهيو، پر جي اوهان سنا نہ آهيو تہ برا بہ ڪونہ آهيو، صرف اوارا ۽ آلسي آهيو-

افسوس ! هرڻ ڪميءَ يا ڪڇئي کي پنهنجي ڦڙتائي سيکاري نٿو سگهي. ورات سروپ جي پائڻ جي اڇا ۾ توهان جي ڀلائي لڪيل آهي، پر اهڙي قسم جي اڇا هر هڪ پراڻي ماتر ۾ آهي.
ليڪن اوهان مان ڪن ۾ اِها اڇا ايتري تہ ڀرپور آهي جو پهاڙن جو ڳجهو سنديش ۽ گهاٽن گهاٽن بنن جي مڌر هوا پاڻ سان ڪٺي زور شور سان سمنڊ ڏانهن ڊوڙندا وڃن ٿا، ۽ ٻين ڪن ۾ اِها اڇا هڪ هوا جي جهوٽي وانگر آهي جا سمنڊ جي ڪناري تي پهچڻ کان اڳ ڏکا تابا کائيندي گهمندي ڦرندي رستي تي ئي، ختم ٿي وڃي ٿي

انهن انسانن سان ملڻ لاءِ مٿي چڙهو ٿا جي به ان گهڙيءَ
پراٿنا ڪن ٿا ۽ جن سان اوهان بنا پراٿنا ڪرڻ ملي نٿا
سگهو.

تنهن ڪري اوهان جو ان اڻ ڏٺل مندر ۾ داخلا، پرم
آنند ۽ مٺڙ ميلاپ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي- جو نه

صرف ڪجهه بيک مڱڻ جي خيال کان ۽ بنا ڪنهن
ٻئي مقصد جي اوهان مندر ۾ وڃو ٿا نه اوهان کي ڪجهه
به نه ملندو ۽ جي اوهان دين ۽ داس بڻڻ جي اڇا کان
اتي وڃو ٿا تڏهين به اوهان جو اُڌار ڪونه ٿو ٿئي، ۽
اوهان جي ٻئي جي ڀلي لاءِ به ڪجهه گهرڻ وڃو ٿا تڏهين
به اوهان جي شنوائي نه ليکبي- اوهان لاءِ نه ايترو ڪافي
آهي ته بنا ڪنهن به اُديش جي مندر ۾ وڃو-

مان اوهان کي سيکاري نٿو سگهان ته ڪئين پرارٿنا ڪرڻ

ايشور اوهان جي شبدن کي تيسين نٿو ٻڌي جيسين ايشور
پاڻ اوهان جي چپن دواران نٿو ٻولي-

مان اوهان کي سمنڊن پهاڙن ۽ ٻنن جي به پرارٿنا نٿو
سيکاري سگهان،

ڇاڪاڻ ته اوهان جو پهاڙن، جهنگلن ۽ سمنڊن مان پيدا ٿيا
آهيو، پنهنجي هرديه ۾ انهن جي پراٿنا پائي سگهو

23 - پراٿنا

تڏهين هڪ پوڄاريءَ چيو تہ اسان کي پرارٿنا بابت ٻڌايو،
۽ هن جواب ڏنو

توهان پنهنجي دک ۽ گهرج جي ڏينهن ۾ پراٿنا ڪريو ٿا،پر جيڪڏهين اوهان پنهنجي خوشي موج ۽ سک سلامتيءَ جي ڏينهن ۾ بہ پراٿنا ڪريو تہ ڪيترو نہ سهڻو ٿئي.

ڇو تہ پراٿنا آهي ڇا؟

صرف سروپ جو چداڪاش ۾ وڪاس ئي تہ ۽

جيڪڏهين پنهنجي انڌڪار کي آڪاش ۾ ڳولهڻ ۾ توهان جي آنند جو ڪارڻ آهي تہ توهان جي هرديہ جي پرڀه ڦٽيءَ کي ڳولهڻ ۾ بہ اوهان جي خوشيءَ جو ڪارڻ آهي، ۽ جڏهين اوهان جي آتما توهان کي پراٿنا ڪرڻ لاءِ پڪاري، ان وقت جي اوهان روئڻ بنا نٽا رهي سگهو تہ اوهان جي روئندي بہ هوءَ اوهانکي اتساهت ڪندي رهي جيستائين ڪِ اوهان کلندي نہ اچو

جڏهين اوهان پراٿنا ڪريو ٿا تڏهين توهان وايو منڊل ۾

24 - موج بهار

تڏهين هڪ ويراڳيءَ جو شهر ۾ سال ۾ صرف هڪ دفعو ايندو هو اُهو اڳتي وڌيو ۽ پڇيائين ، سائين اسان کي موج بهار بابت ٻڌايو-

موج بهار هڪ مکتيءَ پريو راڳ آهي

پر اها مکتي نه آهي

اهو توهان جي ڪامنائن جو ڦلجڻ آهي ليڪن اهو انهن جو ڦل نه آهي

اها هڪ اونهائي آهي جا مٿي چڙهڻ لاءِ پڪاري ٿي

ليڪن اها خود نه گهري آهي ۽ نه اوچي آهي

اهو هڪ پڃري ۾ بند ٿيل لاءِ اڏامڻ آهي ليڪن اهو پڃري جي حد نه آهي-

ها، سچ پچ موج بهار مکتيءَ پريو راڳ آهي مان چاهيان ٿو ته توهان پرپور هرديه سان ڳايو، ليڪن اهو نٿو چاهيان ته ڳائڻ ۾ هرديه کي وڃائي وهو.

اوهان مان ڪيترا نوجوان موج بهار جي ان نموني ڳولها ڪندو ڦرندا آهن، جڻ ته اها ئي سڀ ڪجهه آهي ۽ ان

ٿا،

پر جي اوهان رات جي شانتيءَ ۾ ڪيس ٻڌندا تہ ايڪانت ۾ هيءُ چوندو ٻڌندا ”هي اسان جا ايشور، اسان جي ئي ڪنين وارا سروپ اسان ۾ هيءَ تنهن جي ئي اڇا آهي جيڪا اڇا ڪري ٿي.“

اسان ۾ هيءُ تنهنجي ئي ڪامنا آهي جا ڪامنا ڪري ٿي

اسان ۾ هيءَ تنهن جو ئي اتساهہ آهي جو اسان جي راتين کي، جي در حقيقت تنهن جون ئي آهن ڏينهن ڪري ٿو، جي بہ تنهن جا آهن ”اسين توکان ڪنهن بہ شيءَ جي گهر ڪري نٿا سگهون ڇوتہ تون اسان جي گهرجن کي سندن پيدا ٿيڻ کان اڳ هي ڄاڻين ٿو، تون ئي اسان جي ضرورت آهين ۽ اسان کي تون پنهنجو پاڻ وڌ ۾ وڌ ڏيئي ڪري تون اسان کی سڀ ڪجهہ ڏين ٿو“

ڳولها ڪرڻ ۾ ياد ڪرڻ جي ڏپ ڪان اهي ساري خوشي کي تلانجلي ڏيئي ڇڏين ٿا ته ڪٿي اهي آتما کي وساري نه وهن يا ان جي برخلاف ڪو ڪم نه ڪري وهن.

ليڪن انهن جي تياڳ ۾ به انهن جي خوشي آهي اهڙيءَ طرح انهن کي به خزانو هٿ اچي ٿو جيتو ٽيڪ اهي ڏڪندڙن هٿن سان پاڙن جي ڳولها ۾ کوٽائي ڪن ٿا.

ليڪن مون کي ٻڌايو اهڙو ڪير آهي جيڪو آتما لاءِ گناهه ڪري سگهي ؟

ڇا ڪويل رات جي ايڪانت ۾ چڪور آڪاش ۾ تارن جي منڊل لاءِ گناهه ڪري سگهي ٿو؟
ڇا اوهان جي روشني ۾ دونهون هوا کي ٻورو ڪري سگهن ٿا ؟

ڇا اوهان ائين سمجهو ٿا ته آتما هڪ بيٺل پاڻيءَ جو دٻو آهي جنهن کي اوهان لڪڙيءَ سان کوٽي سگهو ٿا

موج مستيءَ کي نه مڃيندي اوهان پنهنجي وجود جي ايڪانت گهڙين ۾ پاڻ لاءِ واسنا کي ڪنو ڪريو ٿا ڪير ٿو ڄاڻي ته جنهنکي اڄ ڇڏيو ويو آهي يا تياڳ ڪيو ويو آهي، ان جو سڀاڻي انتظار ڪرڻو پوي.

تي ئي سندن ساراهه يا گلا ٿئي ٿي.

مان انهن جي نه گلا ڪندس نه ساراهه مان انهن کي موج بهار جي ڀوُلها ڪرڻ ڏيندس، ڇو ته

انهن کي موج بهار پراپت (حاصل) ٿيندي پر اها اڪيلي نه،

ان جون ست پينر آهن ۽ انهن مان ننڍي ۾ ننڍي موج بهار کان به وڌيڪ سندر آهي.

ڇا اوهان ان آدميءَ بابت ڪڏهين نه ٻڌو آهي جو پاڙن جي کوج ۾ ڌرتي کوٽي رهيو هو ۽ کيس ملي ويو هو خزانو؟ ۽ توهان مان ڪيترا وڏا ۽ ٻڍا موج بهار کي ان نموني ۾ ياد ڪري پڇتائين ٿا ته انهن نشي ۾ غلطيون ڪيون آهن.

ليڪن پڇتائڻ من تي بادلن جو گهيرُو ڪري اچڻ آهي ۽ نه ڪِ پوتر ڪرڻ جو وسيلو آهي
انهن کي موج مستي احسانمنديءَ سان ياد ڪرڻ گهرجي جهڙيءَ ريت هو اونهاري جي فصلن کي ياد ڪن ٿا، پر جيڪڏهين هو پڇتائڻ ۾ سک پائن ٿا ته انهن کي ضرور اهو سک وٺڻ گهرجي ۽ اوهان مان ڪيترا اهڙا به آهن جي نه ته موج بهار جي ڀُولها ڪرڻ لاءِ نوجوان آهن ۽ نه ته ان جي پڇتاءُ ڪرڻ لاءِ ٻڍا آهن

25 - سندرتا (سونهن)

هڪ شاعر پڇيو ته اسان کي سندرتا بابت ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو

اوهان سندرتا کي ڪٿي ڳولهيندا ۽ ان کي ڪيئن پائيندا جيستائين اها خود اوهان جو رستو ۽ اوهان جي رستي تي مسافر نه بڻجي

اوهان ان جو بيان ڪيئن ڪندا ، جيسين تائين اها خود اوهان جي واڻيءَ کي ٻولڻ واري نه بڻي، دکي چون ٿا سندرتاديالو ۽ ڪومل آهي. نوجوان ماتا وانگر پنهنجي مرجهايل شرميلي شان سان هوءَ اسان جي وچ ۾ گهمي ٿي، ڪامي چون ٿا '' سندرتا شڪتي وان آهي ۽ ان کان ڌرتي گهرجي، اها طوفان وانگر اسان جي هيٺان پرٿوي ۽ مٿان آسمان کي ڌوڏي ڇڏي ٿي''

ٿڪل ۽ پريشان چون ٿا ''سندرتا ڪومل سس پس جي پيدائش آهي ۽ هوءَ اسان جي آتما ۾ وسي ٿي اونده جي ڊپ کان ڏڪندڙ جهڪي روشنيءَ وانگر سندس واڻي اسان جي ايڪانت کي روح بخشي ٿي'' پر بي چئن شخص چون ٿا'' اسان ان کي پهاڙن تي گجندو ڏٺو آهي ۽ سندس

اوهان جو شرير بہ پنهنجي موجودگي ۾ ضرورتون سمجهي ٿو ۽ هو پاڻ کي دوکو نٿو ڏيئي سگهي.

اوهان جو شرير اوهان جي آتما جي سنار آهي ۽ اهو

اوهان جي هٿن ۾ چڙيل آهي تہ اوهان ان مان مڌر سر ڪڍو يا بي سرا آواز ڪڍو.

هاڻ پنهنجو پاڻ کان سوال پڇو تہ موج مستيءَ ۾ جو پلو آهي يا پلو نہ آهي ان کي ڪيئن الڳ ڪندا ۽ پنهنجي ٻنين ۽ باغن ۾ وڃو تہ اوهان ڏسندا تہ ماکيءَ جي مک لاءِ موج مستي گلن تان ماکي گڏ ڪرڻ ۾ آهي

گلن جي موج مستي بہ ماکيءَ جي مک کي ماکي دان ڪرڻ ۾ آهي ڇو تہ،

ماکيءَ جي مک لاءِ گل ئي زندگي ۽ جيوت جو سهارو ۽ چشمو آهي ۽

گل لاءِ ماکي جي مک پريم جو سنديش پهچائيندڙ آهي

ماکيءَ مک ۽ گل ٻنهي لاءِ موج مستي وٺڻ ۽ ڏيڻ ضرورت ۽ پرم آنند آهي

اي آرفاليز واسيو پنهنجي موج مستيءَ ۾ گل ۽ ماکيءَ مک وانگر بڻجو.

بلڪ هڪ روشن هرديه ۽ منتر مست چت. اِها نه تہ اُها
مورتي آهي جنهن کي اوهان ڏسي سگهو ۽ نہ اهو ڳانو
آهي جنهن کي اوهان ٻڌي سگهو

پر اها اهڙي مورتي آهي جنهن کي اوهان ڏسي سگهو ٿا
جڏهين اوهان پنهنجون اکيون بند ڪريو ۽ اهڙو راڳ
آهي جنهنکي اوهان ٻڌي سگهو ٿا، پر جڏهين اوهان
پنهنجا ڪن بند ڪريو. هوءَ نہ تہ ڪنتريل چوڏي جي
رس آهي ۽ نہ ننهن يا چنبي سان ڳڏيل ڪنپ

بلڪ هوءَ سدا سر سبز رهندڙ ڪتيا ۽ سدائين ديو ديوتائن
جي ميڙ ۾ اڏامندڙ وستو آهي.

اي آرفاليز واسيو، سندرتا زندگي آهي.

جڏهين ڪِ زندگي پنهنجي پوتر مک جو گهونگهٽ
هٽائي ٿي، پر اوهان زندگي آهيو ۽ اوهان گهونگهٽ
آهيو، سندرتا آرسيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏسندڙ امرتا
آهي-

ليڪن اوهان ئي امرتا آهيو ۽ اوهان ئي اها آرسي آهيو.

گجگوڙ سان گڏ جانورن جي پيرن جو آواز، پکين جي
کنپن جو ڦڙ ڪو ۽ شينهن جي گجگوڙ ٻڌي آھي. شهر ۾
رات جا پهريدار چون ٿا ”پرياٽ سان گڏ سندرتا اوپر کان
ايرندي“

ٻپهرين ۾ مزدور ۽ راھگير چون ٿا ” اسان ان کي سنجها
جي درين کان پرتوي ۽ تي ليٽا پائيندي ڏٺو آھي.“

تڏ جي وقت برف ۾ گهيڙيل چون ٿا ” هوءَ بهار جي مند
سان جبلن جي چوٽين تي نچندي، ٽپندي، ڪڏندي
ايندي“

اونهاري جي مند ۾ لابارو وجهندڙ چون ٿا، ”اسان ان کي
سرءُ ۾ پنن چٽڻ سان گڏ نچندو ڏٺو آھي ۽ سندس وارن
تي برف جا ذرا پکڙيل ڏٺا آھن،

اھي سڀ ڳالهيون اوھان سندرتا جي باري ۾ چيون آھن
پر حقيقت ۾ اُهي سڀ ڳالهيون اوھان سندرتا بابت نه،
پر پنهنجون پوريون نه ٿيندڙ خواهش ۽ امنگن بابت
چيون آھن ۽ سندرتا خواهش يا گهرج نه آھي پر پرم
آنند ڏيندڙ خوشي آھي.

اِها نه ته رج ۾ اڃ پوري ڪرڻ وانگر ڪليل وات آھي ۽ نه
گهرج ۾ خالي هٿ بيک مڱڻ لاءِ وڌيل آھي

هوا ۽ اس ان جي شرير ۾ سوراخ ڪونہ ڪنديون جو پنهنجو وهنوار (هلت چلت) نيتي شاشتر مطابق بيان ڪري ٿو ، اهو پنهنجي ڳائيندڙ پکيءَ کي پڃري ۾ بند ڪري ٿو.

آزاد سنگيت، شيخن ۽ پنڊتن ۾ نٿو اچي. اهو جنهن لاءِ پوڄا هڪ ڪلنڊڙ ۽ بند ٿيندڙ دري آهي، پنهنجي آتما جي پيون ۾ گهڙيوئي ڪونہ آهي، جنهن جون دريون پره ڦٽيءَ کان پره ڦٽيءَ تائين (انئي پره) آهن اوهان جو روز مره جو جيون اوهان جو مندر ۽ اوهان جو ڌرم آهي.

جڏهن جڏهن اوهان ان ۾ وڃو تہ پنهنجو سڀ ڪجهہ پاڻ سان کڻي وڃو.

کڻي وڃو، هر ، کهاڙي، هٿوڙي ۽ بنسري. اهي سڀ شيون جن کي اوهان پنهنجي ضرورت ۽ خوشيءَ لاءِ ٺاهيو آهي چوتہ،

ڏيان اوسٿا ۾ توهان پنهنجي ڪاميابيءَ کان مٿي نٿا وڌي سگهو ۽ نہ وري پنهنجي ناڪاميابيءَ کان هيٺ ڪري سگهو ٿا، ۽

پنهنجو پاڻ سان گڏ سيني آدمين کي وٺي وڃو چو تہ پوڄا ۾ اوهان انهن انسانن جي آشائن کان مٿي اڏامي نٿا سگهو ۽ نہ انهن جي نا اميدن کان وڌيڪ نراش ٿي

26 -ڌرم

هڪ ٻڍي پوڄاريءَ پڇيو اسان کي ڌرم بابت ڪجهه ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو

ڇا مان اڄ جيڪي ڪجهه اڳ ۾ چيو آهي سو ڌرم کان سواءِ ٻين وشين تي چيو اٿم-

ڇا ڪرم ۽ چنتن ۽ اهو جو نه ڪرم آهي ۽ نه چنتن بلڪ هرديه ۾ سدائين انهيءَ وقت به جڏهين هٿ پٿر ڪٽي رهيا آهن يا چرخو چوري رهيا آهن پيدا ٿيندڙ اچرج ۽ چمتڪار ڌرم نه آهي ؟

ڪير پنهنجي ڌرم کي ڪرم کان ۽ وشواس کي ڌنڌي کان الڳ ڪري سگهي ٿو-

ڪير پنهنجي گهڙين کي ائين چوندو الڳ ڪري سگهي ٿو ته '' هيءَ پرماتما لاءِ ۽ هيءَ منهنجي لاءِ ، هيءَ منهنجي آتما لاءِ ۽ هيءَ ٻيو منهنجي شرير لاءِ. توهان جون سموريون گهڙيون ، سروپ کان سروپ تائين، آسمان ۾ اڏامندڙ کنڀ آهن-

جو نيتي مرياداَ کي سڀ کان وڌيڪ اتم ڪپڙا سمجهي پهري ٿو، ان کي اگهاڙو گهمڻ اتم آهي-

27 - موت

تڏهين المترا چيو، اسان هاڻ موت بابت پڇون ٿا ۽ هن چيو-

توهان موت جو راز ڄاڻڻ چاهيو ٿا

ليڪن توهان جيون جي اونهائيءَ ۾ ڳولهڻ کان سواءِ ڪيئن ڳولهي سگهندا

اهو الو جنهنجون اکيون صرف رات جي اونداهيءَ ۾ ڪم ڪن ٿيون ۽ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ انڌيون آهن، اهي پرڪاش جي راز جو پڙدو هٽائي نٿيون سگهن.

واستو ۾ جي اوهان مرتيوءَ جي آتماکي ڏسڻ چاهيو ٿا تہ جيون جي ڪايا جي سامهون پنهنجي هرديہ کي کولي رکو ڇوتہ

جيون ۽ موت هڪ آهن جيئن ندي ۽ سمنڊ هڪ آهن.

توهان جي آشائن ۽ اميدن جي گهرائيءَ ۾ اوهان جي ٻيءَ پر (پرلوڪ) جو گيان لڪيل آهي ۽ برف ۾ دٻيل ٻج وانگر اوهان جو هرديہ بسنت بهار جو سپنو ڏسي ٿو

سپنن تي وشواس ڪريو ڇو تہ انهن ۾ امرتا جو دروازو لڪيل آهي

سگهو ٿا ۽،

جي اوهان ايشور کي ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ ٻجھارتن سلڻ وارا نہ بڻجو.

بلڪ پنهنجي چئني طرفن نگاهون ڪريو تہ اوهان هن کي پنهنجي ٻارن سان راند ڪندو ڏسندا ۽

آڪاش ۾ نگاهه ڪريو تہ ان کي بادلن ۾ گهمندو بجليءَ جي چمڪي ۽ برسات جي ڌارا ۾ ڪرندو ڏسندا

توهان ان کي گلن ۾ مشڪندو ۽ وري مٿي اٿندي ۽ وڻن ۾ پنهنجي هٿن کي لوڏيندو ڏسندا

28 - موڪلاڻي

ھاڻ سنجھا ٿي چڪي ھئي ۽ برھم وادني المترا چيو ڏن
ياڳ آھي ھيءُ اڄوڪو ڏينھن ، ھيءُ آستان ۽ توھان
جي آتما جنھن امرت واٽي ٻڌائي آھي ۽ ھن چيو

ڇا ! اھو مان ھوس جنھن ٻالھايو؟

ڇا مان بہ ھڪ ٻڌندڙ نہ ھوس ؟ ۽ پوءِ ھن مندر مان ھيٺ
لھڻ شروع ڪيو ۽ سڀ ماڻھو ھن جي پٺيان ھلڻ لڳا ھو
پنھنجي جھاز تي پھتو ۽ ان جي ڊيڪ(ڇت) تي وڃي
بيٺو ۽ ماڻھن ڏانھن منھن ڪري وري ھو زور سان چوڻ لڳو

آرفاليز واسيو، ھوا مون کي اوھان کان موڪلائڻ لاءِ چوي
ٿي.

مان وڃڻ لاءِ ھوا کان گھٽ اتاولو آھيان پر مون کي آخر
وڃڻو ھي آھي
اسان گھمندڙ، سدا تمام ايڪانت جو رستو ڳولھيندڙ اتان
ٻيو ڏينھن شروع ڪونہ ٿا ڪريون جتي اسان ھڪ ڏينھن
ختم ڪيو آھي ۽ سج جو ايرڻ اسان کي اتي نٿو
پائي (ڏسي) جتي سج جي لھڻ اسان کي ڇڏيو ھو-
حذھين ڪِ ٻرٿوي بہ آرام ڪري ٿي اسان ياترا ڪريون
ٿا اسان ... جا بہ آھيون حذھن ... تيار

اوھان جو موت کان ڊپ ان ريڊار وانگر آھي جو ھڪ راجا جي اڳيان ھوندي ڪنبي رھيو ھجي ۽ جو ڪيس عزت سان ھٿ ملائڻ وارو آھي.

ڇا ريڊار ڪنبندي بہ خوش نہ آھي تہ ھو راجا جي طرفان ملندڙ نشان پائيندو

پر تنھن ھوندي بہ ڇا ھو پنھنجي ڪنبڻ ڏانھن وڌيڪ ڌيان نٿو ڏئي ڇوتہ

مرڻ ڇا آھي؟ ھوا ۾ اگھاڙو ٿي بھڻ ۽ اس ۾ رجي سمائجي وڃڻ ۽ ساھ جو بند ٿيڻ ڇا آھي ؟

ساھ کي بي چئن بنڌنن کان آزاد ڪرڻ جيئن ھو مٿي اٿي پاڻ ڦھلائي ھلڪو ٿي ايشور جي ڳولھا ڪري

جڏھين اوھان امرتا جي نديءَ جو پاڻي پيئندا تڏھين ئي رڳو اوھان سچ پچ ڳائي سگھندا ۽ جڏھين اوھان پربت جي چوٽيءَ تي پھچندا تڏھن ھي واسنو ۾ اوھان چڙھڻ شروع ڪندا. پرٿوي جڏھن اوھان جي شرير جي سيني عضون کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندي تڏھين ئي توھان سچ پچ نچندا

اھا خواھش تہ پريم سندس گھرجن کي سنتشٽ ڪري سو
نٿو بدلجي.

ان ڪري اھو پڪ ڄاڻو تہ مان ان ازحد ايڪانت مان
واپس ايندس.

اھو ڪو ھيڙو جو سچ ايرڻ وقت ٻنين ۾ صرف ماڪ جون
بوندون ڇڏي ويندو آھي وري اٿندو ۽ ڪنو ٿي بادل بڻجي
برسات جي روپ ۾ ھيٺ ڪرندو.
مان ڪو ھيڙي ڪان الڳ نموني جو نہ رھيو آھيان رات
جي ايڪانت ۾ مان اوھان جي گھٽين ۾ گھميو آھيان ۽
منھنجي آتما توھان جي گھرن ۾ گھڙي آھي اوھان جي
دل جي دڪ دڪ منھنجي دل ۾ ھئي ۽ اوھان جو ساھ
منھنجي مک ۾ ھو ۽ مان اوھان سڀني کي سڃاڻندو
ھوس. ھا، مان اوھان جي آنند ۽ دک کي ڄاڻندو ھوس ۽
اوھان جي ننڊ ۾ اوھان جا سپنا منھنجا سپنا ھئا. اڪثر
ڪري مان اوھان جي وچ ۾ ھوس ڇڻ تہ پھاڙن جي وچ ۾
ڍنڍ وانگر. مان اوھان جا جبل ۽ ورو ڪڙ لاھيون ۽ توھان
جي ويچارن ۽ خواھشين جو اڏامندڙن جھنڊن جو اولڙو
بہ مون ڏٺو. منھنجي شانت ۾ اوھان جي ٻارن جي کل
خوشي جھرڻا بڻجي ۽ اوھان جي نوجوانن جو تمنائون
نديون بڻجي آيون ھيون، ۽،
اھي جڏھين منھنجي گھرائي ۾ پھتيون ھيون تڏھين بہ

ٿيون ٿا يا اسان جا من پرجي وڃن ٿا تڏهن اسان هواجي حوالي ڪيا وڃون ٿا، ۽
اسان کي پکيڙيو وڃي ٿو
اوهان جي وچ ۾ منهنجا ڏينهن ٿورا هئا ۽ منهنجا ٻوليل شبد اڃان ٻہ ٿورا . ليڪن جڏهين منهنجي واڻي اوهان جي ڪنن ۾ جهڪي ٿي ويندي، يا منهنجو پريم اوهان جي يادگيرن ۾ ختم ٿي ويندو، تڏهن وري مان ايندس ۽ وڏيڪ پرپور هردي ۽ آتما جي وڏيڪ ويجهو رهندڙ چپن سان مان ڳالهائيندس. ها - مان لهرن سان گڏ موٽندس ۽ پلي موت مونکي ڍڪي ڇڏي ۽ از حد ايڪانت مونکي ويڙهي ڇڏي پر تڏهين ٻہ مان اوهان جي عقل(ٻڌيءَ) جي کوجنا ڪندس ۽ منهنجي کوجنا بيڪار ڪانہ ويندي.

جيڪي مون ڪجهہ چيو آهي جيڪڏهين اهو سچ آهي تہ اهو سچ صاف واڻيءَ ۽ آواز ۾ اوهان جي ويچارن سان وڌ ۾ وڌ پنهنجو پاڻ محسوس ڪرڻ واري شبدن ۾ ظاهر ڪندو
مان هوا سان گڏ وڃي رهيو آهيان ليڪن هيٺ پولار(شونيتا) ۾ نہ. جيڪڏهين هيءُ ڏينهن اوهان جي گهرجن ۽ منهنجي پريم جي پورائي نہ آهي تہ هن کي ڪنهن ايندڙ ڏينهن تائين هڪ اقرار رهڻ ڏيو.
انسان جون گهرجون بدلبيون رهن ٿيون پر سندس پريم ۽

اوهان کي ٻڌايو ويو آهي تہ زنجير هوندي بہ اوهان ڪمزور ڪڙيءَ وانگر ڪمزور آهيو.
اهو چوڻ اڌ سچ برابر آهي
اوهان مظبوط ڪڙيءَ وانگر مظبوط بہ آهيو
اوهان جي خسيس ڪمن سان اوهان جي ماپ ڪرڻ ان مثل آهي جيئن سمنڊ جي شڪتيءَ جي ماپ سندس گجيءَ (ڦيڻ) سان ڪجي.
اوهان جي ناڪاميابيءَ جي آڌارتي اوهان لاءِ رايو ناهڻ، مندن کي سندن ڦير گهيڙ لاءِ ڏوهہ ڏيڻ مثل آهي.
ها، اوهان هڪ مهان ساگر برابر آهيو
جيتوڻيڪ بار سان ڀريل جهاز اوهان جي ڪناري تي لنگر هڻڻ لاءِ آتا آهن ، پر تڏهين بہ سمنڊ وانگر اوهان پنهنجي لهرن کي جلدي ڪوئي يا گهرائي نٿا سگهو
ها، اوهان مندن برابر بہ آهيو
جيتوڻيڪ اوهان پنهنجي سياري ۾ پنهنجي بهار کي نٿا مڃيو پر تڏهين بہ اوهان جي اندر ۾ آرام ڪرڻ وارو بسنت ننڊجي خمار ۾ مشڪي رهيو آهي ۽ اپمان جو انيوُ محسوس نٿو ڪري،
اهو نہ سوچيو تہ مان اِهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ٿو چوان تہ پوءِ اوهان هڪ ٻئي کي ائين چئو ” هن اسان جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي، هن اسان ۾ ڀلائي ڏٺي.“

انهن جھرڻن ۾ نندين پنھنجا راڳ بند نہ ڪيا ھئا.
بلڪ خوشيءَ سان وڏيڪ مڌر ۾ تمنائن سان وڏيڪ مهان
بڻجي مون وٽ آيون ھيون اھو ھو اوھان جي اندر جو
ابناسي،
اھو وراٽ پرش جنهن ۾ اوھان سڀ انسان ھڪ (١) جذي
(cell) ۾ نسن برابر آھيو
اھو جنهنجي مهان گاني ۾ اوھان جا سمورا راڳ پُڻ پُڻ
برابر آھن
ان وراٽ پرش ۾ ئي اوھان وراٽ آھيو ان جي درشن ۾
ئي مان اوھان جو درشن ڪيو ۾ اوھان کي پيار ڪيو ڇوتہ
اينري ڪيتري دور مفاصلي تي پريم پھچي سگھي تو
جو ان وراٽ ڪيتر ۾ نہ آھي
کھڙا سپنا، کھڙيون آشائون ۾ کھڙيون ڏارنائون ان اڏام
کان بازي ماري سگھن ٿيون ؟
اوھان جي اندر جو وراٽ پرش، وشال وڻ وانگر ميون سان
پرپور آھي
ان جي شڪتي اوھان کي پرٿويءَ سان بڌي تي ان جي
سڳنڌ اوھان کي آڪاش ۾ اُڏامائي تي ۾ سندس جتاو ۾
اوھان امر آھيو،

(١) پراڻي وگيان جو ھڪ شبد جنهن سان ملي ڪري پراڻي ماتر جو
شرير ٺهي ٿو.

پڪ ئي پڪ ڪيتريون خوشيون اوھان اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ماڻي رھيا آھيو.
توھان وٽ ٻيا ڪي آيا آھن جن ڪي توھان پنھنجي شرڌا جون سونھري آشائون ڏيڻ جي دواران ڏن طاقت ۽ نيڪي ڏني آھي
مون توھان ڪي اميدن ڪان بہ گھٽ ڏنو آھي پر تنھن ھوندي بہ توھان مون ڏانھن وڏيڪ ادار رھيا آھيو
اوھان مون ڪي زندگيءَ بابت گھري اڄ ڏني آھي حقيقت ۾ ڪنھن بہ انسان لاءِ ان ڪان وڏيڪ مھان پيٽ تي نٿي سگھي جيڪا سندن سيني اميدن ڪي اڄايل چپ ۽ سندس سڄي جيون ڪي چشمي ۾ بدلائي ڇڏي ۽
ان ۾ منھنجي عزت ۽ منھن جو انعام سمايل آھي
جڏھين بہ مان چشمي تي پيئڻ اچان تو تہ مان خود زنده پاڻيءَ ڪي پياسو ڏسان تو،
جڏھين بہ مان ان ڪي پيئان تو تہ ھو مونکي پيئي تو
اوھان مان ڪيترن مونکي پيٽ سويڪار ڪرڻ ۾ ايماني ۽ حد ڪان وڏيڪ لڄارو سمجھيو آھي مزدوري وٺڻ ۾ مان بيشڪ حد ايماني رھيو آھيان پر پيٽ وٺڻ ۾ نہ،
جڏھين اوھان مون ڪي پاڻ سان گڏ وھاري پوڄن ڪارائڻ چاھيندا ھئا، مان پھاڙن تي ٻير ڪاڏا ھئا
جڏھين جڏھين اوھان خوشيءَ سان مون ڪي اڄھو ڏيڻ چاھيندا ھئا، تہ مان مندر جي دالان ۾ سمھيو ھوس پر ڇا

•

مان شبدن ۾ صرف اهو چئي رهيو آهيان جيڪي اوهان پنهنجي ويچارن ۾ خود چاڙهيو ته انهن اکرن جو گيان ڇا آهي، شبدن بنا گيان جي پرڇا ئي

اوهان جا ويچار ۽ منهن جي واٽي هڪ سيل مهر ٿيل يادگيريءَ جي لهرن برابر آهن جي اوهان جي گذريل گهڙين ۽ انهن پراچين ڏينهن جو جڏهين پرتويءَ کي نه پنهنجو ۽ نه اسان جو گيان هو، ۽ انهن راتين جو، جڏهين اتل پٽل ۾ پرتوي پيدا ٿي هئي، ليڪو رکي ٿي،

گياني پرش اوهان کي پنهنجي گيان مان ڪجهه ڏيڻ آيا آهن، مان اوهان جي گيان سان ڪجهه وٺڻ آيو هوس ۽ ڏسو مان اهو پاتو آهي جو گيان کان وڏيڪ آهي، اهو آهي اوهان جي اندر ۾ آتم جيون کي سدا وڌيڪ گڏ ڪندڙ ”چيتن جيوتي“

جڏهين ڪِ اوهان ان جي وستار تي ڌيان نه ڏيئي پنهنجي ناس ٿيندڙ ڏينهن لاءِ شوڪ ڪري رهيا اهيو

شريرن ۾ جيون جي کوج ڪندڙ جيون، قبر کان ڊڄي ٿو، هتي قبرون آهن ئي ڪونه،

هي پهاڙ ۽ هي ميدان هڪ ڏولي ۽ ڏاڪڻ آهن جڏهين اوهان ان کيت مان لنگهو جتي اوهان جا وڏا پوريا ويا آهن نه اتي ڌيان ڏيو، نه توهان ڏسندا ته اتي توهان ۽ توهان جا ٻار هٿ هٿ ۾ ڏيئي نچي رهيا آهن.

’’ اي عجيب انسان، اوچي جبلن جا پريمي، تون انهن اوچاين ۾ چوتو رهين، جتي گرڙ پنهنجو آکيڙو ناهيندا آهن.‘‘
’’ تون ان جي کوج جو تو کرين جنهن کي پائي نٿو سگهجي‘‘
’’ کهڙن طوفانن کي تون پنهنجي جار ۾ ڦاسائڻ چاهين ٿو.‘‘
کهڙي هوا ۾ اڏامندڙ پکين جو تون آڪاش ۾ شڪار ڪرڻ چاهين ٿو‘‘
اچ ۽ اسان سان گڏجي هڪ ٿي وڃ.
هيٺ لهه ۽ اسان جي روٽين سان پنهنجي بک مٽاءِ ۽
اسان جي شراب سان پنهنجي اُڃ کي سانت ڪر،
پنهنجي هرديه جي ايڪانت حالت ۾ انهن اِهي ڳالهيون چيون هيون
ليڪن جي انهن جي ايڪانت اجان به وڌيڪ گهري هجي هان ته کين معلوم ٿئي هان ته مان اوهان جي خوشيءَ ۽ غم جي راز جي ڳولها ڪري رهيو هوس ۽ آڪاش ۾ گهمندڙ اوهان جي وراٽ سروپن جو شڪار ڪري رهيو هوس، ليڪن شڪاري شڪار به هو.
ڇو ته منهنجا ڪيترائي تير منهنجي هي هرديه جي کوج ۾ منهنجي ڏنش مان نڪتا هئا ۽ اڏامندڙ، ريڙهيون پائيندڙ به هو، ڇو ته جڏهن منهنجا کنپ اس ۾ پکڙيا هئا ته پرٿويءَ تي انهن جي ڇايا ڪُميءَ وانگر ريڙهيون

اها منهنجي ڏينهن ۽ رات وانگر اوهان جي پريم پيري چنتا نہ هئي ! جنهن جي وات ۾ پوڄن کي منو کيو ۽ منهنجي ننڊ کي مٺا سپنا ڏنا، ان لاءِ مان اوهان کي بيحد آشيرواد ڏيان ٿو.

اوهان تمام گهڻو ڪجهہ ڏيو ٿا پر اهو نٿا چاهيو تہ ڪجهہ ڏيو بہ ٿا، پاڻ

سڀ پيڙ پلائي جڏهين پنهنجو پاڻ درسنيءَ ۾ ڏسي ٿي تہ پٽر تي پوي ٿي، ۽

سٺاڪرم جي پنهنجو پاڻ کي سندر نالن سان ڪوٺائن ٿا، پاراتن کي جنم ڏيندڙ ٿيو پون، ۽

اوهان مان ڪيترن مونکي ايڪانت پسند ۽ پنهنجي ايڪانت ۾ هي مدهوش ڏٺو آهي

اوهان ائين چيو آهي تہ ”هو وڻن سان ڳالهائي ٿو، ليڪن ماڻهن سان نٿو ڳالهائي“

”هو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي اڪيلو وينو آهي ۽ اسان جي شهر کي نيچ نگاهن سان ڏسي ٿو“ ۽

اهو سچ آهي تہ مان جبلن جي چوٽين تي چڙهيو آهيان ۽ مان دور دور ديشن جو رٽن ڪيو آهي. خوب مٿي چڙهڻ بنا يا ڪافي دور وڃڻ بنا، مان اوهان کي ڪيئن ڏسي سگهان هان !

دور ٿيڻ بنا، ڪير سچ پچ ويجهو ٿي ڪيئن ٿو سگهي؟ ۽ اوهان مان ٻين بنا شبدن مون کي هن ريت چيو آهي

اوهان سيني ۾ جو سڀ کان وڏيڪ نرٻل ۽ گهبرايل ڏسڻ ۾ اچي اهو سيني ۾ ٻلوان ۽ مضبوط آهي.
ڇا اهو اوهان جو ساهه نه آهي جنهن توهان جي هڏين کي ٺاهيو آهي ۽ کين مضبوط ڪيو آهي، ۽ ڇا اهو هڪ سپنو نه آهي جنهن کي ڏنو آهي ان جي ياد ٻه اوهان مان ڪنهن کي ٻه نه آهي جنهن توهان جي شهر ۽ ان ۾ جو ٻه ڪجهه آهي ان سڀ جي رچنا ڪئي آهي.
جيڪڏهين اوهان ان ساهه جي لهرن کي ڏسي سگهو ته توهان ٻيو سڀ ڪجهه ڏسڻ بند ڪري ڇڏيندا، ۽ جيڪڏهين اوهان انهن سيني جي پُڻ پُڻ ٻڌي سگهو ته پوءِ اوهان ٻيو ڪجهه آواز ٻڌي نه سگهندا، پر توهان نه ڏسو ٿا ۽ نه ٻڌو ٿا، ۽ اهو نيڪ آهي.
توهان جي اکين تي پيل پڙدو انهن هٿن سان هٽي سگهي ٿو جنهن ان کي ٺاهيو آهي، ۽ اها مٽي جا اوهان جي ڪنن ۾ پريل آهي، انهن آڱرين سان ڪڍي ويندي جن ان کي پريو آهي. ۽ توهان ڏسندا ۽ توهان ٻڌندا، پر تنهن هوندي ٻه اوهان هن وقت سوڌو انڌي ۽ ٻوڙي رهڻ تي نه ڏکي ٿيندا ۽ نه ارمان ڪندا ڇوته ان ڏينهن اوهان سيني شين جي اندروني راز کي ڄاڻندا، ۽
اوهان اونداهيءَ کي ان نموني آشيرواد ڏيندا جيئن روشنيءَ کي،
انهن ڳالهين چوڻ کان پوءِ هن پنهنجي نگاهه چئني طرفن

پائيندي ھئي ۽
مان وشواسي، بي وشواسي بہ ھوس، ڇوتہ اڪثر ڪري مان پنھنجي گھاوَ ۾ پنھنجي آڳر وڌي آھي جيئن مان توھان ۾ وڌيڪ وشواس پيدا ڪري سگھان ۽ توھان مان وڌيڪ گيان پراپت ڪري سگھان، ۽
ان وشواس ۽ گيان جي آڌار تي مان چوان ٿو،
توھان پنھنجي ديھہ ۾ بند نہ آھيو ۽ نہ گھرن ۽ نہ ڪيتن ۾ محدود آھيو،
”تون“ جو آھين، اھو پھاڙن ڪان مٿي نواس ڪري ٿو ۽ ھوا سان گڏ سئر ڪري ٿو“
ھي اھو نہ آھي جو گرميءَ ڪري ڏرتيءَ تي ريڙھيون پائي ٿو ۽ بچاءَ لاءِ اونداھيءَ ۾ ٻِرَ ڪوٽي ٿو،
بلڪ ھڪ وستو آھي، مڪت اھا چيتنا جا پرٿويءَ کي سپرش ڪري ٿي ۽ آڪاش جي ھوا ۾ سئر ڪري ٿي،
جيڪڏھن ھيءَ اکر صاف نہ اھن تہ انھن کي صاف ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجو،صفائي ۽ ڏنڌ سيني شين جي شروعات آھي ۽ نہ پڇاڙي ۽ منھنجي اِھا ھاردڪ اڇا آھي تہ اوھان مون کي پراچين وانگر ياد ڪريو.
جيون ۽ جيوماتر جو گرڀ دان اونداھيءَ ۾ ئي ٿيندو آھي ۽ نہ روشنيءَ ۾ ، ۽ ڪير ٿو ڄاڻي تہ روشنيءَ جي ڪمزور اوستا ئي اونداھيءَ جو نالو ھجي،
مان چاھيان ٿو تہ مون کي ياد ڪرڻ لاءِ توھان ھيءَ ياد رکو

وري گڏ اڇلو پوندو ۽ داتا جي سامھون گڏجي ھٿ ڊگھيڙڻا پوندا.
اھو وساري نہ ڇڏ جو تہ مان وري توھان وٽ ايندس.
ٿوري وقت کان پوءِ منھنجي خواھش ٻئي شرير لاءِ مٽيءَ ۽ پاڻيءَ کي گڏ ڪندي، ۽ ڪجھہ وقت کان پوءِ ھوا تي ٿورو آرام ڪرڻ کان پوءِ ڪابي ماتا مونکي ڄارڻ ڪندي.
موڪلاڻي توھان سان ۽ ان جوانيءَ سان جيڪا مون اوھان سان گڏ گذاري آھي.
ھيءَ تہ اسان ڪلھہ سپني ۾ گڏ يا ھئاسي.
توھان منھنجي ايڪانت ۾ منھنجي لاءِ ڳايو آھي ۽ مان آڪاش ۾ اوھان جي خواھشن جو منارو ٺاھيو آھي.
پر ھاڻ اسان جي ننڊ ڦٽي چڪي آھي اسان جو سپنو ٽٽي چڪو آھي ۽ ھاڻ پرڀات بہ نہ رھي آھي ٻپھرين اسان جي مٿان آھي ۽ اسان جو خمار ڏينھن تي چڪو آھي، اسان کي الڳ ٿيڻ ئي گھرجي.
يادگيريءَ جي سنجھا ويلي اسان وري جي گڏياسون تہ اسان وڌيڪ ڳالھيون ڪنداسون ۽ اوھان مون لاءِ وڌيڪ گھرا راڳ ڳائيندا،
جڏھن اسان جا ھٿ ڪنھن ٻئي سپني ۾ ملندا تڏھين اسان آڪاش ۾ ھڪ ٻيو منارو ٺاھينداسي.
ايترو چئي ھن ملاحن کي اشارو ڪيو ۽ انھن جلدي لنگر پٽيو ۽ جھاز کي کولي ڇڏيو ۽ اوڀرندي طرف روانا ٿيا،

قبرين ۾ هن ڏنو تہ سندس جهاز جو هلائيندڙ پنهنجو
ونجهہ سنڀالي ڪڏهين ڪليل سڙهن ڏانهن تہ ڪڏهين
رستي ڏانهن نهاري رهيو هو ۽ هن چيو،
منهنجي جهاز جو ڪپتان ڏيرجوان ۽ بيحد ڏيرجوان
آهي،
هوا هلي رهي آهي ۽ سڙهہ بي چئن آهي. ونجهہ بہ آگيا
چاهي ٿو
پر تنهن هوندي بہ منهنجو ڪپتان چپ چاپ منهنجي
چُپيءَ جي راهہ ڏسي رهيو آهي ۽ هيءُ منهنجا ملاح جن
مهاساگر جو راڳ ٻڌو آهي ڏيان سان منهنجون ڳالهيون
ٻڌي رهيا آهن.
هاڻ هو وڌيڪ انتظار ڪونہ ڪندا، مان تيار آهيان.
نندي سمنڊ ۾ پهچي ويئي آهي ۽ هڪ دفعو وري بہ
مهان ماتا پنهنجي ٻالڪ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي
ٿي.
الوداع، آرفاليز جا شهر واسيو.
هيءَ ڏينهن پورو ٿي چڪو.
هيءُ ان ريت ڪومائجي رهيو آهي جهڙيءَ ريت ڪمل
پنهنجي ايندڙ سڀاڻي لاءِ ڪومائبو آهي.
اسان کي جيڪي ڪجهہ اچ مليو آهي ان کي پاڻ وٽ
قابو رکنداسي، ۽
جيڪڏهين اهو اجان ڪافي نہ آهي تہ اسان سيني کي

۴

انھن انسانن اندران ھڪ چيخ ان وانگر نڪتي جڻ تہ ھڪ ئي ھردي مان نڪتي ھجي ۽ جڻ تہ شام جي ڏنڌلي مان ھلي ۽ ڏکڙ وانگر وچندي سمنڊ مٿان ويئي.

صرف المترا جيسين جهاز ڪوھيڙي ۾ ڍڪجي نہ ويو، ھن ڏانھن گھور ڪري نھاري رھي ھئي ۽ چپ ھئي ۽ جڏھين سڀ انسان ٽڙي پکڙي ويا تڏھين ھوءَ ھن جي ان چوڻ کي تہ ”ڪجھہ وقت کان پوءِ ھوا تي ٿورو آرام ڪرڻ کان پوءِ ڪابي ماتا مونکي ڄارڻ ڪندي“ پنھنجي من ۾ ياد ڪندي سمنڊ جي ڪناري تي اڪيلي بيٺي ھئي.

تعارف (واقفيت)

سلامتراءِ گربا ڻيءَ جو جنم ١٢ جون ١٩٢٦ (چنچروار) تي خيرپور رياست جي گنمبت تعلقي جي ڳوٺ محمد واهڻ (بيلهاڙي) ۾ ٿيو. هن ١٩٤٥ ۾ بمبئيءَ يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪئي. هت جيپور ۾ اچي سرڪاري نوڪريءَ ۾ رهندي M.A.,L.LB. پاس ڪري سرڪاري نوڪريءَ مان استيفا ڏيئي وڪالت جي ڏنڌي ۾ گهڙيو.

سنڌ کان هي هن جو لاڙو سماجڪ ڪمن ۾ رهيو آهي ۽ اتي جي خيرپور رياست وديارٿي منڊل ڪراچيءَ جو سيڪريٽري رهيو. قومي هلچل ۾ به هن ڀرو ورتو.

جيپور جي سنستا سنڌو وئلفيئر سوسائٽي جو وڏان ناهڻ ۽ ان جي برپا ڪرڻ ۾ هن جو اهم رول هو ۽ ان سنستا جو شروعاتي وائس پريزيڊنٽ رهيو ان سنستا جي وئلفيئر ڪاميٽي ۽ ان جي زير سايع ٿيندڙ ڪم هن جي دين آهي. سنڌو ڪلچرل سوسائٽيءَ جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ به ڪجهه سال ميمبر رهيو. اکل ڀارت سنڌي بولي ۽ ساهت سڀا مبئيءَ جي ڇهين ساليانی جلسي ١٩٦٣ جيپور ۾ ٿيندڙ جي آجيان ڪاميٽيءَ جو هو جنرل سيڪريٽري رهيو. ١٩٦٩ ۾ جيپور ۾ مهراڻ اخبار جي برپا ڪرڻ ۾ هن جو خاص يوگ دان رهيو ۽ ١٩٦٩ کان ١٩٧٢ سوڌو هو ان اخبار جو سمپادڪ رهيو. جيپور ۾ برهمپوري رفيوجي هائوسنگ سوسائٽي ڪنور نگر جو به هو به دفعا سيڪريٽري رهيو. جيپور ۾ ٿيندڙ ڪنوررام ورسي هن جي ڪوشش جو نتيجو آهي. اکل راجستان پئنچايت فيڊريشن ۽ جهولي لال مشن جو هو وائس پرزيڊنٽ رهيو. سنڌي ڪانگريس فورم جو سيڪريٽري رهيو ۽ جيپور چيٽي چنڊ ميلا ڪاميٽيءَ ۾ هو لڳاتار به سال سيڪريٽري ۽ پوءِ ان ڪاميٽيءَ جو چئرمين پڻ رهيو. موجوده وقت ۾ هو سنڌو جيون ڌارا جو سيڪريٽري ۽ راجستان سنڌي اڪادميءَ جو خزانچي آهي.

الڳ الڳ وشين تي هو لکندو رهيو آهي ۽ لکندو رهي ٿو ۽ ليک سيمينارن ۾ به ڀرو وٺندو رهيو آهي. هن جي ليکن ۾ ۽ ليک سيمينارن ۾ ڀري وڻ وقت هن ۾ سنڌيت جي ترڦ جو جذبو ظاهر ٿي بهندو آهي. آل انڊيا ريڊيو ۽ دور درشن (ٽي. وي.) جي پروگرامن ۾ به ايندو رهيو آهي. هيءُ ڪتاب سندس پهرين اشاعت آهي.

ڊاڪٽر جي. ٽي. پٽ

جيپور

25.12.98